




# نديءَ ۾ نهارون

( شاعري )


ربڏنو خاصخيلي



سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن :
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”نديءَ ۾ نهارون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب خوبصورت شاعر **ربڏنو خاصخيلي** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

ربڏني جي شاعري جو پنهنجو اسلوب ۽ ڏڪشن آهي. هن جي بولي ۾ لاڙ جي چانورن جهڙو هڳاءُ به آهي ۽ واهوندي جي هير به پسائي ٿو.

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪيشن ، ٿرپارڪر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرمواڻيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاح ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



(09)

## حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: نديءَ ۾ نهارون
شاعر: ربڏنو خاصخيلي
موضوع: شاعري
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: © 2017ع
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: غلام شبير لغاري
ٽائٽل: پرڪاش ڪرمواڻي
ڇپيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن, ٿرپارڪر
فون نمبر: 03333173584
قيمت: 200 روپيا

***[POETRY ]***
*By:* Rab Dino Khaskheli
Edition: First
Year: 2017
Price: Rs. 200.00

### ـــــــ اسٽاڪسٽ ـــــــ

پٽائي ڪتاب گهر, گاڏي کاتو حيدرآباد-ڪنگ پن بڪ شاپ, پريس ڪلب, حيدرآباد-
شير يزدان بڪ اسٽال, پٽ شاهه- ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي-رابيل ڪتاب گهر, لاڙڪاڻو-
مهراڻ ڪتاب, ڪپرو-العزيز ڪتاب گهر, عمرڪوٽ-المدينه ڪتاب گهر, ڇاڇرو-
ٿر ڪتاب گهر, مٺي-ڪنگري بوڪ شاپ, اسٽيشن روڊ, ميرپورخاص-المهراڻ ڪتاب گهر, سانگهڙ-
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ-مرچولال بوڪ ڊيپو بدين-سوجهرو ڪتاب گهر, بدين-
مهراڻ بوڪ سينٽر, سکر-سنڌ ڪتاب گهر ، شڪارپور-وسيم ڪتاب گهر شڪارپور-
سچل ڪتاب گهر, درزا -ڪنول ڪتاب گهر, مورو-
سارنگ ڪ 1تاب گهر ڪنڊيارو
شعور لائبريري خليفو قاسم، سليم نيوز پيپر ايجنسي ٽنڊوباگو.

## ارپيم....

انهن اکين جي نالي
جن ۾
وجائجي وري
ليجي نہ سگهيس....!!



# ڪنارن تي بيهي
# نديءَ ۾ نهاري،
# مهاڻو پيو مُرڪي
# مڇيءَ ۾ نهاري،

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | پرڪاش ڪرمواڻي | (06) |
| مهاڳ | ايوب ڪوسو | (07) |
| چاهتن جو بل | عثمان راهوڪڙو | (27) |
| شاعري ئي اصل اندر جو آواز آهي | محب ڀيل | (29) |
| بيوسي چادرن ۾ روڪجي!! | غلام شبير لغاري | (33) |
| آنچل اڏارن جهڙو شاعر | گلزار احمد درس | (36) |
| محبتن جي گولا | عبدالستار ڪوسو | (39) |
| شاعر پاران | ربڏنو خاصخيلي | (41) |
| غزل | | (44) |
| نظم | | (140) |




## اداري پاران

سامروٽي پبليڪيشن جو هي 9 نمبر ڪتاب جديد سنڌي شاعري جو سهڻو مجموعو آهي. ربڏنو خاصخيلي اُڀرندڙ ۽ متاثر ڪندڙ شاعر آهي، سندس هن مجموعي ۾ آيل شاعري ڪافي منفرد ۽ دل کي وڻندڙ شاعري آهي، هن نوجوان شاعر جي شاعري ۾ خيالن جي جيڪا نئين برسات موجود آهي، ويساهه آهي ته اها ضرور رنگ لائيندي. اسان جي شروع کان اها ڪوشش رهي آهي ته پنهنجي جديد ادب توڙي پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ کي سهيڙي اڳتي وڌائجي، اسان کي خوشي آهي ته اسان پنهنجي حصي جي ڪم کي اڳتي وڌائي رهيا آهيون. هي ڪتاب پڻ ان سلسلي جي هڪ سهڻي ڪڙيءَ آهي. اميد آهي ته هن ڪاوش "نديءَ ۾ نهارون" کي دل سان پسند ڪيو ويندو.

پرڪاش ڪرمواڻي

03333173584

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر

# مهاڳ

## تجريديت جي حسناڪ شاعريءَ

اڄلڪھ سنڌي شاعريءَ جي سينوارجي وڃڻ تي بحث مباحثا هلندڙ آهن ، سگهاريءَ شاعريءَ جي سنجيده عاشقن جي راءِ اها بہ ٻڌڻ ۾ آئي آهي تہ " جديد سنڌي شاعريءَ مان ولولو ، تڙپ ۽ ڪشش موڪلائي ڪري ويا آهن ، ان ڪري هاڻ نوان لاڙا متعارف ڪرائڻ گهرجن!" اها راءِ غلط ڪونهي. سچ بہ اهو آهي تہ غير سنجيده رنگروٽن ۽ شوقيا شاعرن جي لوڊ شاعري کي سستو تيل بڻائي ڇڏيو آهي. ويجهڙ ۾ " شاعريءَ جو نئون پڌرنامو بہ پڌرو ٿيو آهي " ان ۾ انيڪ مثبت صلاحون بہ آهن. باقي شاعر يا شاعري کي ڪنهن



نظريي سان واڳيل نہ هئڻ گهرجي واري نقطي سان مون کي ذاتي طور اختلاف آهي ، ڇو جو نظريي بنا شاعري ٻُوتو آهي ٻيو ڪجھ ناهي. ان حقيقت ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ سنڌي جديد شاعري ساڳين گهڙيل گسن تي هلي هلي هاڻ ڳهرجي وئي آهي ،ان کي ضرور ڪنهن دڳ لائڻ گهرجي. ورجاءُ ۽ موضوعيت کان محرومي سنڌي شاعريءَ لاءِ هاڃيڪار آهن. مختلف لابين جا دهلاريءَ ادب جي پينگ ڪرڻ ۾ مصروف آهن، ٻي طرف سنن ۽ سنجيده ڪتابن کي نظر اندازيءَ جي ڏوڙ لٽي رهي آهي ، ٽئين طرف جڙتو نقاد مٿو ڪائڻ ۾ رڌل آهن . اُهي سنڌ جي اڀرندڙ نئين شاعرن جي شاعريءَ کي يورپ جي ادبي لاڙن ۽ تحريڪن جي ساهميءَ ۾ توري وڏيون هامون ۽ هنبوشيون هڻن ۾ سرخرو آهن. مطلب تہ ادب جي نالي ۾ هڪڙو سرڪس وارو تماشو هلي رهيو آهي. اهڙن ڇامڙن ڪردارن جي رستي روڪ ٿيڻ ضروري آهي، تہ جيئن سنڌي ادب کو نئون ساھ کڻڻ جهڙو ٿئي.

لاڙ سان تعلق رکندڙ منفرد ۽ خوبصورت نوجوان شاعر ربڏنو خاصخيلي جي شاعريءَ جي ڪتاب " نديءَ ۾ نهارون " جو پرنٽ ٿيل مسودو مُهاڳ لکي ڏيڻ لاءِ جڏهن مون آڏو پهريون ڀيرو آيو تہ شاعريءَ پڙهي سمجهي ويس تہ اصلاح گهربل آهي، ڪجهه ضروري اصلاحي نظر وجهي واپس ڪيم تہ درست حالت ۾ آڻيو تہ ڪجھ ڪجي. ٻئي ڀيري وري مسودي کي پڙهي سوچيم: هي نئون تجربو ضرور سامهون اچڻ گهرجي. توڙي جو شاعر سان منهنجي ڪا بہ ڏيٺ ويٺ ناهي، پر هُن جي شاعريءَ سان ملي خوشي ٿي آهي تہ هُن نئين واٽ ورتي آهي. پنهنجي پاران ۾ هن پنهنجي شاعرائي سفر جي ڄمار پنجويھ سال ڄاڻائي آهي، ان حساب سان مون

کان ڪجھ سينئير آهي، پر هن جي شاعريءَ مون اڳ ناهي پڙهي. اهو بہ سھڻو اتفاق آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پھريون پيرو " ڊجيٽل شاعريءَ " جو اصطلاح هِن شاعريءَ ۾ پڙهيو اٿم. هن کان اڳي فياض ڏاهري جو مجموعو " هينگ اوور " نظر مان گذريو آهي، جنهن لاءِ اهو چيو ويو آهي تہ اها اينڊڙ دؤر جي شاعري آهي جنهن کي انگريزي سان سلهاڙيو ويو آهي. سنئي ڳالھ آهي جو نوان تجربا ٿي رهيا آهن. شاعريءَ نيون منزلون ڳولي رهي آهي.

ربڏني جي غير روايتي دلفريب شاعري تي غير روايتي مهاڳ لکندي ، سوچيو اٿم تہ شاعري جي موجوده جمود کي هٽائڻ لاءِ هن جي باصلاحيت شاعر جيڪڏهن ڪا نئين واٽ ورتي آهي تہ پلا اُن کي ڇو نظرانداز ڪجي ؟ هڪ نئون تجربو هُن هڪ جرئت سان ڪيو آهي تہ اُن تي پنهنجيءَ پسند جو ڪو رنگ آخر ڇا لاءِ چاڙهجي؟ هڪ نئون انداز هِن نئين شاعر تخليق ڪرڻ جي ذميواريءَ جيڪڏهن ڪنئي آهي تہ پوءِ اُن جي ڇو نہ ڀرپور همٿ افزائي ڪجي. توڙي جو ساڳئي قسم جي ڪوشش اڳ بہ ڪن شاعرن پاران سنڌي جديد شاعري ۾ ٿي چڪي آهي. پر ناڪامي کان پوءِ اهڙن شاعرن وجي نثري نظمن جي ڇانءُ ۾ ٽڪ پڳو آهي، علم عروض کان پاسيرو ٿي لکڻ جو رواج اسان وٽ پراڻو آهي ، پر حقيقت اها آهي تہ علم عروض جي کوٽ کي سنڌ ۾ هڪ وڏو علمي ادبي حلقو شاعراڻو عيب ليکيندو آيو آهي.

هِن ڪتاب ۾ آيل غزل جي شاعري علم عروض ۽ بحر وزن کي سامهون رکي ناهي ڪئي وئي، هِي صوتي اثرات تي لکيل شاعري آهي، عام طور تي اسان جا مضبوط شاعر جيڪي موسيقيت سان ڀريل بحر وزن استعمال ڪن ٿا، هن



شاعريءَ ۾ اهو تجربو نہ پر هڪ مختلف طريقو ۽ تجربو سامهون آهي، جيڪو مجموعي طور مناسب اثر ڇڏي ٿو. اهم ڳالھ اها آهي جو شاعر پنهنجي وجدان ، فڪر ۽ خيال کي ڪٿي بہ متاثر ناهي ڪيو، باقي علم عروض کي محور ناهي بڻايو. اهو بہ هڪ لاڙو آهي، جنهن کي آئون سوال بڻائڻ جو حامي ناهيان. شاعر هِن مجموعي ۾ پنهنجي خيالن کي پوريءَ سگھ سان نمايان ۽ نروار ڪيو آهي ، اها سچ تہ دلچسپ نواڻ آهي.

سوال هي بہ ڪر ٿو ڪڻي تہ ڇا نوان تجربا ادب ۾ نہ ٿيڻ گھرجن؟ منهنجي خيال ۾ادب نئين تجربن ذريعي ئي ترقي ڪئي آهي ائين ئي تہ جمود ٽُٽي ٿو، ادب ڊُبو بڻجڻ جوقائل ڪڏهن بہ ڪونهي رهيو نئين تجربن جي ضرور آجيان ٿيڻ گھرجي. هتي اهو ياد ڏياريندو هلان تہ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ اندر اردو ادب جي ٻن نئين لاڙن کي وڏي پذيرائي ۽ مقبوليت ملي هئي. مظهر الاسلام جي علامتي ڪهاڻين جي هاڪ متي هئي ۽ ساره شگفتا جي تجريدي انداز ۾ لکيل نثري نظمن کي زبردست موٽ ملي هئي. اهي نوان تجربا ڇانئجي ويا هئا. ان ئي دؤر ۾ ملڪ نديم جي تجريدي نظمن جي هڳساڻ پکڙي هئي. منهنجي خيال مطابق هِي پھريون پيرو آهي جو ڪنهن شاعر سنڌي شاعري ۾ تجريدي رنگ غزلن ۾ پريو آهي آئون هن نئين تجربي کي پيار جي اکين سان ڏسان ٿو . هي مثبت لاڙو سمجھڻ کپي، ها باقي ضروري ناهي تہ هر تجريدي خيال سان متفق ٿجي، اها الڳ ڳالھ آهي. تجريدي خيال آرٽ جي حسناڪيءَ ۽ سرريئلزم جي وسعت کي هر شاعر پيش نٿوڪري سگھي ان لاءِ آرٽسٽ مزاج ۽ ذهينت کپي ٿي، تجريديت ۾ ڪابہ مونجھ ڪونهي صرف ان

كي حسناڪ اک ۽ دل سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. سنڌي جديد شاعريءَ کي وسڪيءَ جي ڪريٽن ۾ قيد ۽ غلام بڻائڻ واري هن ماحول ۾ هي تجريدي شاعريءَ کنهن بغاوت جهڙي حقيقت لڳي ٿي. آئون ان سچ کان منڪرناهيان ته تخليقي شاعريءَ ۾ موسيقيت دائميت کي بحال رکي ٿي. حسين خيال ترتيب کان هٽي بي وزن بڻجي تاثر وڃائين ٿا اهو سچ آهي پر خيال جي بلنديءَ حُسن ۽ گهرائي کي توڙي فڪر جي محبوبائي کي به نظرانداز ڪرڻ جرم آهي. هي ڊجيٽل شاعري آهي يا تجريدي شاعري ان بحث کي ڇڏي آئون اهو ٿو چوڻ چاهيان ته هِي سدا بهار خيالن جي شاعري آهي ، جيڪا غزل جي فريم ۾ پيار سان پيش ڪئي وئي آهي. هي سمورا خيال جدت جا گلاب لڳندڙآهن.

ڪوبه رواجي خيال هن شاعريءَ پاڻ سان گڏ ناهي کنيو، اها نرالپ آهي. اسان جا اڪثر نوجوان شاعريءَ ۾ خيال تي زور رکن ٿا، فڪر کي ڪجهه نٿا ليکين، جڏهن ته اهو سمجهڻ کپي ته خيال ۽ فڪر ٻئي شاعريءِ لاءِ بنهه ضروري عنصر آهن. رب ڏني جي شاعريءَ ۾ خيالن توڙي فڪر جي نواڻ جي ڪا به گهٽتائي نظر نٿي اچي . هن ڪئين بنهه ڪنوارا خيال هن شاعري ۾ پيش ڪيا آهن جيڪي حيرت ڏيارين ٿا ڪمال جا لڳن ٿا. اهم ڳالهه اها به آهي ته هي سڄي شاعري ڪيفيت به آهي ته فڪر جي تڙپ به آهي. فطرت سان سلهاڙيل شاعري جو نئون رنگ آهي. نئون خيال هن شاعريءَ جو بنياديءَ محور آهي. هي ڪجهه خيال پڙهي ڏسو،

بارش کي اکيون ڪو نه آهن، پوءِ به مٽيءَ سڃاڻي ٿي!



ڏسو ساميا‍ڻي جي گودڙي ۾ اچي موئن جو دڙو لڪو آهي!

پاڻي کي پتو کهڙو ته ڪير مون مان آهي وهنجي نڪتو!

اڄ اندلٽ مون کي پنهنجي وطن وڻي ويئي!

عشق عورت ناهي ته عرض آهي!

ڪڙڪٻيتا ڇميا ئي پُراڻ تي آهن!

رات ڏنارن سان چنڊ رلي ۾ ويڙهجي ستو!

هنن شاعراڻن خيالن ۾ ڪو به مغالطو ڪونهي، سڌي سنئين دل جي ڳالهه آهي. هي خيال هڪ ادراڪ جو حسن به آهن ، ته حساسيت جي مهڪ سان گڏ لاشعور جو وجد به آهن. تهذيب ۽ تاريخ جو شعور به آهن. هي فطرت سان عاشقي آهي. ساميا‍ڻي جي گودڙي ۾ موئن جي دڙي جو لڪڻ ڪو مفروضو ناهي، پر تاريخ ۽ تهذيب ڏانهن هڪ گمنام اشارو آهي. هندستان ۾ جڏهن اوچ نيچ ۽ ذات پات جي ٻيگهي مٽل هئي اڇوت سڏجندڙ اقليتي قبيلن اچي سنڌ م ساهه پٽيو هو. انهن سنڌ جي خوشبو کي پنهنجي سينن ۽ گوڏڙين م لڪايو هو. سنڌ پاڻي جي زمين رهي آهي، سنڌ ۾ ڪڙڪٻيتن سان پيار ڪيو ويو آهي. ڏنارن جو چنڊ سان گڏجي سمهڻ فطرت دوستيءَ کي پڌرو ڪري ٿو. ڇو جو امير پاڻهو بند اي سي ڪمرن ۽ گهٽيل فليٽن ۾ سمهن ٿا، چنڊ سان انهن جو ڪو واسطو ئي ناهي رهيو، پر ڏراڙ اگهاڙي پُٽيءَ سان ڌرتي تي سمهن ٿا ته چنڊ انهن مٿان اچي ايو ٽئي ٿو. انهن کي سڃاڻي

تو ۽ ڪڏهن انهن سان گڏجي سمهي به تو! رب ڏني جي شاعريءَ ۾ گوناگون خيالن جا پوپٽ ڦرن ٿا، اهي تجريدي رڳو خيال ناهن ڪئين جاڳندڙ ۽ ضمير رکندڙ خيال به ان گلدستي جا گل آهن. اهي خيال تشريع جا محتاج ناهن. انهن جون صورتون صفا چٽيون آهن. هي خيال هن شاعريءَ کي سگهه ڏياريندڙ آهن، ۽ پيش ڪيل شعر نهڪندڙ شڪل رکندڙ آهن.

رب ڏنو خاصخيلي وجدي ڪيفيتن جو نئون شاعر آهي. ظاهر اهو ٿو ٿئي ته شاعريءَ هن جي رڳن ۾ موجود آهي. هن فطرت کي فوڪس ڪيو آهي، ان سان گڏ سگهاري شعور هن جي خيالن ۾ خوبصورتي پيري آهي، هن جي نا تجربيڪاريءَ کي هن جا خوبصورت خيال ورلي ظاهر ڪن ٿا.

سئو تائين پاڪر سارڻ سکي وئين.
جڻ بارش ۾ تانڊو ٻارڻ سکي وئين.
اج به اگهاڙو پيو آسمان ۾ گهمي،
چنڊ جوانيون پرايون ڪارڻ سکي وئين.

رب ڏني جي شاعريءَ جو سگهارو پاسو تجسس آهي. جنهن جو بيانيا نئون روپ موهيندڙ لڳي ٿو، هر شعر کي نواڻ ۾ رنگڻ نئين خيال جي خوشبوءَ ڏيڻ بنا شڪ جي نئين ڳالهه به آهي ته نئين واٽ به آهي. حيرت ٿئي ٿي هي شاعريءَ پڙهي ته هن ۾ روائتي خيال کي ورلي نظر اچي ٿو، هر شعر نئين آرسي ٽيڻ جو آرزو مند محسوس ڪجي ٿو.

پيار ۾ پنهنجو وڏو نشان ڪو نه آهي



ٻڌائيندا ڇا وڻن کي زبان ڪو نه آهي!

منهنجي شاعريءَ کي ڪڙڪبيتو ڳوليندو وتي
ڇا ڪاڪ ۾ ٿي مومل جوان ڪو نه آهي؟

منهنجي جسم تي هاٿي قبضو ڪري تون ڇا ڪندين؟
ڇڏ ته نئون ماڻهو ڪو دل جي تاڪ مان لنگهي اچي!

تيسين تون وڻن سان منيون منيون ڳاليون ڪر،
جيسين تو لاءِ اي دل ڪا دوا خاڪ مان لنگهي اچي!

جيڪو منٽي آواز سان هرڻ کي سڏي پيو،
مون مور اڳيان رکي آهي پيري ڪاوڙن جي

وڪر ناهي ڪاڳرن ۾ رکجي
چنڊ ڪيسين پاڪرن ۾ روڪجي!

چميون ڪنهن خساري ۾ وينديون هليون،
ڪاوڙ ۾ ڪنهن ڌرتي لوڏي آهي!

وقت جو قدر ڪرڻ تون سک پرين،
تو لاءِ پاڪر بيٺو ڪوٺي آهي

موت زوري ماري وجي ٿو،
ماڻهو ڪٿ خوش تاڪ ۾ آهي.

اج ته نوان پاڪر ايجاد ڪريون

پيار جو مضبود بنياد ڪريون.

ننڍ مان اٿي پٽائي جو هڪڙو بيت ياد ڪيم
يار مليو يارن سان روح ۾ رهاڻ رچي وئي.

پاٿي مٿيءَ کي خوبصورتي پڙهائيندو،
تنهنجي چوليءَ کي تا استاد ڪريون!

تو کي ڇو چنڊ جي عمر جو فڪر آهي،
پڇي ڇو آسمان سان فساد ڪريون؟

تعجب پيو ٿئي طوطي جي عقل تي،
نموريون پيو ڪائي ڪجي ڏنگيل آهي.

سنڌي جديد شاعريءَ ۾ ورجاءُ ڪان هڪ پاسي هٽي هي شاعريءَ جو نئون قدم آهي. نئون آواز آهي. نئين مهڪ آهي. نئون اظهار آهي. نئون لهجو آهي. نئين لفظيات ۽ شعريت آهي. جيڪا حيرت ۾ وجهندڙ به آهي ته متاثر ڪندڙ حقيقت به آهي. نئون خيال هن شاعريءَ جي سگهه پڌري ڪري ٿو. هي تخليقيءَ شاعريءَ جي تڙپ جو سهڻو مثال آهي. ماڻهو ، ماڻهن کي استاد بڻائيندا آهن پر هي شاعريءَ محبوبا جي چولي کي استاد بڻائڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، ڇو جو ماڻهو جي روپ ۾ شڪل وارا استاد اڄڪلهه خودڪش بمبار تيار ڪرڻ واري استاديءَ ۾ مصروف آهن. هي شاعريءَ نئين ماڻهو جي متلاشي آهي. جيڪو دل ۾ لنگهي اچي! اهڙي نئين ماڻهو لاءِ جنهن لاءِ استاد رجنيش اوشو چيو آهي ته " فقط نئون ماڻهو



ئي زنده رهندو! " يعني جنهن وٽ جدت هوندي اهو ئي سلامت رهندو.
نئين تجريديت غزل جي نئين شاعريءَ ۾ پيش ڪري ربڏني نئون مثال پيش ڪيو آهي. حسناڪ تجريديت ۾ بيباڪ فڪر پيش ڪري هُن شاعريءَ ۾ تازگيءَ پري آهي.

ڪاڪ جي مٿيءَ مون کي اڄ سُونگهايو.
ڏک ۾ مئل پکيءَ جي بدبو ٿي ويندس.

چنيسر جي قبر ڇو پيو هرڻ چٽي ،
ائين ته روپا رت ۾ گفتگو ٿي ويندس.

اڄ ٻه اُپ مان اندلث ڳولي سين
اسان ساٿوڻ ڪو نه پليو آهي.

ماني تي رکي دل نه ڪٽي اڄ،
سوچ ڪير تو لاءِ جليو آهي.

آسمان ۾ سوراخ ٿي پيا آهن،
گل تي ڪڙڪ ٻيتو هليو آهي.

ڪُونجن جي ڄڄ رڻ مان اڇي پئي.
ڄبل ڇو رکيو پاڻي پري ڪونهي؟

سچ مُون سان ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهائيندو.
پرينءَ جي منهن تي اڄ مُرڪ ذريءَ ڪونهي.

تو ڪي وار وڏا ڪرڻ جي پريشاني آهي
تولاءِ چنڊ مان مٿي چوريءَ ڪٽي ايندس.

ڪنهن گلابي ڳوٺ جي پاسي ۾ پيل هوندا،
بيمار مال جي ڳچيءَ ۾ هڏ هرڻيءَ جا ٻڌي ڇڏيو!

بيهوشي جا دورا ڪجھ گھڙين ۾ موڪلائي ويندا،
ٻه ٽي پيرونءَ پڪيءَ جي وات ۾ هَٽي ڇڏيو.

هلندي هلندي چنڊ کي باقي اڇي ڇڏيو.
اوچتو آسمان مون کي لٽون هٽي ڪڍي ڇڏيو.

بنا گهرائڻ جي تارا مون ۾ گھِڙيو ٿا اچن.
آسمان سان منهنجو عشق قدرتي آهي.

سچ ته هي بنھ نئين ۽ منفرد خيال نگاريءَ ۽ تجريديت آهي. بحر وزن ڪٿي به گم ٿيل نظر نٿو اچي. خود نئون بحر وزن ايجاد ٿيل محسوس ٿئي ٿو. هي اظهار ڪو فطرت دوست شاعر ئي ڪري ٿو سگھي. هي ڌرتيءَ سان سلهاڙيل هئڻ جو ثبوت آهي. با مقصد اظهار سان گڏ تجريديت جي ڌارتِڪيءَ لڳي ٿي جيڪا احساسن ۾ چپي ٿي وڃي. هي مئل هرڻين جي شاعريءَ آهي. هِي ڪونجڙين جي اُڃ جي فڪر ۾ تڙپيل شاعري آهي. چنڊ مقصد ۽ منزل جي علامت ۽ آسمان طبقاتي بلنديءَ جي علامت آهي. هِي هيٺائي ۽ ڏاڍائي جي ڪشمڪش جي شاعريءَ آهي. اندلٺ کي اُڃ ڳوليندي آهي، آس ڳوليندي آهي، اڪين ڪان اڳي ٻُک اندلٺ ڏسڻ چاهيندي



آهي. مئل پکيءَ جي بدبوءِ فقط اهو ئي حساس انسان ٿيڻ جي ڳالھ ڪندو ، جنهن کي سُڌ هجي ته ڪاڪ ڪالھ سنڌ ۾ هئي، اڄ اها سنڌ ۾ ناهي! چنيسر جي قبر کي هرڻ جو چٽڻ حيرتناڪ خيال آهي. اهو خيال سنڌي جديد شاعريءَ ۾ پهريون پيرو نقش ٿيو آهي! هرڻ فطرت جو حصو آهي، هُن کي اها سڌ ناهي ته غداريءَ ڇا آهي؟ هُن کي فقط مٽي جي مهڪ جي خبر آهي. مٽيءَ ڪو به ترازو نٿي رکي ، اها غدارکي به دفن ڪري ٿي ته محب وطن کي به پاڻ ۾ سمائي ٿي. هِي تجسس جي شاعريءَ جو بهترين نمونو آهي.

رات تارا ڳٽيندي هُن جي ڇاتيءَ تي جمي تِر ويا !
هوءَ رات سڄي تڙپي مڙس جواريءَ جي انتظار ۾ هئي.

تلوار جهڙي ڳوٺ مان ڪيئن سلامت موٽي سگھبو ؟
خنجر جهڙي ماڻهن ۾ ڪا انسانيت ناهي رهي.

سمنڊ مان جهلي ڪٽي اڇان چنڊ الاءِ گھٽا پئسا ڪندو؟
ٻڌي ملاح جو آواز منڙو ونڻ جو شوق چڪورين ۾ لڏيو.

اسان جو هي پيارو شاعر شاعريءَ ۾ ڪا حقيقت ڪو اهم نقطو ٻڌائڻ ۾ هڪڙي عجيب مهارت رکي ٿو. دل جي ڳالھ ڪندي هڪ لمحي جي به دير نٿو لڳائي. اصل ۾ هو نئين سوچ جو شاعر آهي. هُن جو هر هڪ شعر هڪ ڪهاڻي به آهي ته نظم به آهي. تصوير به آهي ته تصور به آهي. انتظار ڪندڙ عورت کي بابا پٽائي سُر سامونديءَ ۽ مومل راڻو ۾ ڪماليت سان نروار ڪيو آهي. هتي انتظار ڪندڙ عورت سان

ڪا ٻي ڪهاڻي لاڳو آهي. هوءَ جنهن جي انتظار ۾ سُتي ناهي اهو مورک سڀ ڪجھ داءُ تي لڳائڻ جو هيراڪ آهي. اهو ٻچن جي روزيءَ لاءِ سمنڊ نٿو جهاڳي پر شارٽ ڪٽ جو قائل آهي. ڇا ٻه آهي پر اصل درد وند موضوع عورت جي بيقراريءَ آهي. روايتي غيرت جي ڳالھ ڪي اسان جي هِن دلبر شاعر تلوارجي تکائي جو نالو ڏنو آهي اها انفراديت آهي. خنجر جهڙن ماڻهن ۾ انسانيت جو نہ هجڻ ئي تہ هن دنيا جو عظيم الميو آهي. سچ تہ ائين لڳي ٿو تہ انسانيت بارش جي پاڻي وانگي لاوارث ٿي وئي آهي! چنڊ گهٽا پئسا ڪندو؟ ڇرڪائيندڙ شاعراڻو خيال آهي. هڪ مهاڻي جو اهو تصور اهو جملو حيرتناڪ احساس وانگي ساھ ڪٽندڙ لڳي ٿو. هتي هنن بازارين ۾ جسم وڪجن ٿا، عزتون وڪجن ٿيون ، ڪو چنڊ کي وڪڻڻ چاهي ٿو. .... سڀ ڪجهه عجيب هوندي عجيب ناهي رهيو! دل جي ڳالھ اها آهي تہ هن شاعريءَ ذريعي نئين خيالن جو هڪ سفرنامون پيش ڪيو ويو آهي. اهي خيال ڏاڍا انوکا آهن. اها تجريديت جي جيت سمجهان ٿو. نواڻ جي ڪاميابي ڪان اڪيون پري ڪري يا پوريءَ نٿيون سگهجن. هي ورجاءُ ڪي شڪست ڏيڻ جو حسين مرحلو سمجهڻ گهرجي.

سڀجي دنيا ڪِن سان پري پئي آهي
هٿ ڪٿان ڳجهن جو اولاد ڪريون؟

سمنڊ ڪائيندو مٿيءَ پيو اڇي
ڏک ۾ وساريا لاڙ جنڊ آهن.



گدڙ جهنگ ۾ ماڪيءَ ڪائي پيا مَستيون ڪن.
رستا ٿاهيندي جواني گذري پئي راوڙن جي.

تنهنجي تنهائي تاريخ مان اُٿي
مون ۾ ڪيو گشت آهي!

دل جي پنهنجي هڪ دنيا آهي
محبت ڪان پري معراج ناهي.

پتنگ پيا باھ ۾ پڇرن،
اُٿي ڏيئو اجهائي ڇڏ.

ڪيئن نہ مٿيءَ کي اُت سج سجدا ڪري
جتان مَٿيو سامين جو سَرو هو.

تون سمنڊ سڄو ڪيئن پي سگهندين؟
تو تہ عشق ڪڏهن نہ ٻُڪ ۾ ڪنيو آهي!

دڪان تي رکيل ڦلڙين تي پرينءَ
زنگي نہ وجهي نڪن جو وچوڙو.

تون رڳو پيار مان منهنجو نالو وٺي سڏ،
بهار جي موسم اچي انبن ۾ ٻُور ٿي وجي.

ڇيم سارين جي چوندي مان ڇا ملندو؟
ڇپائين اجوڪي ڪنڊ پتيءَ ٿي پوندي.

جنگ جو منظر ٿو عورتون اداس ڪري،
ٻار بہ ڪير ٽٽڻ ۾ چڙهي هليا ٿا وڃن.

اسان جي هِن روشن دل باصلاحيت نرالي شاعر جو مشاهدو ذرو بہ ڪمزور نٿو لڳي. سماجي پيچ ڊاهہ ۾ اُٿل پُٿل تي بہ هُن جي وسيع نظر ظاهر ٿئي ٿي. هو ڄاڻي ٿو ۽ دل سان محسوس ڪري پوءِ اُن کي اظهار جي زبان تي آڻي ٿو. اها بهترين شاعراڻي صلاحيت ۽ ذات آهي. هُن جي شاعريءَ حقيقت جا پيرا ڳولي لهي ٿي ، پوءِ حقيقت جو درد بيان ڪري ٿي. اهو درد ڪٿي سمنڊ سان واڳيل آهي ، جيڪو هونئن تہ ساموندين جو جياپو آهي، پر اهو اوچتو زمينون پيو وڃائي تہ نتيجي ۾ لاڙ بربادي‌ءَ ڏي پيو ڌڪجي. اهو نئون قومي ۽ تاريخي سانحو بہ آهي. ٻي پاسي هِن ڌرتيءَ جا ڳيرو روڊن تي پٽر پيا ڪُٽين ۽ جواڻيون وڃائين ۽ نا اهل بدذوق سرمائيدار پيا مزا ماڻين. سارين جي چونڊي مان هڪ پورهيت جي صرف چانهہ ڪڙهي ٿي ، پر اُن سارين جو واپاريءَ نيون ڪارون خريد ڪري گهمي ٿو. هِي پورهيت سان پيار جو اظهار آهي ، هي فڪر آهي تجريديت ناهي. پنهنجي وطن ۾ پُر امن جوڳي ۽ سامي گودڙين سان ڦرن ٿا. هي شاعري انهن سان محبت جي حمايت آهي. هي شاعريءَ اُن المناڪ اڪيلائي کي نروار ڪرڻ جي آرزومند آهي. جيڪا تنهائي تاريخ جي تنهائي آهي. غربت جي تنهائي آهي. اها ٻي رنگ تنهائي شاعري جي دل ۾ گشت ڪري ٿي. اُن ڏائڻ تنهائي کي نوڪدار ننهن آهن. هِي انسان جي تنهائي آهي، جيڪو غارن مان اُٿي چنڊ تي پهتو آهي، پر اڄ بہ اهو ويڳاڻپ جي



سوئر سامهون هٿين خالي بيٺل آهي! هي تاريخ جي بہ تنهائي آهي، جيڪا پنهنجو ڪپيل ڪنڌ ڳولي رهي آهي! هن تنهائي ۾ هزارين نياڻيون بي لباس ٿيل آهن. انهن جا سينا وڍيل آهن. انهن جا ڏگها زلف بد حواس گهوڙن جي سنبن هيٺ آهن! هي نظرين جي ٻريل تنهائي بہ آهي، جنهن ۾ انسان سنگسار ٿيل آهي. پويان کان هٿ ٻڌل انسان جي نرڙ مان رائيفل جي گولي گذريل آهي! هي تهذيب جي بہ اڪيلائي آهي ، جنهن جي ماتم ۾ چيرن جا آلاپ آهن. ڀڳل بانسريون انتظارن ۾ آهن! طنبورا چُپ تي چڪا آهن. هيءَ دل جي بہ تنهائي آهي جنهن ۾ ڦلڙين تي وڇوڙي جو نانگ ويٺل آهي. ٻار ٽٽڻ جو ڪير چڙهي اکيون پوري چڪا آهن ، زبانون مري ويون آهن!

ڏيئو ٻري پيو ڏيئو ٻرڻ بہ گهرجي ، ڏيئو روشنيءَ جو سنهيو آهي پر ان جي ٻاهہ تي پتنگ خودڪشيءَ پيا ڪن، ڪجهہ دير لاءِ ڏيئو اجهامڻ گهرجي پتنگ نہ مرڻ گهرجن! روشني کان نفرت شاعر لاءِ ممڪن ئي ناهي. هِن سڄيءَ زهريلي چڪتاڻ ۾ پيار ئي فقط آڪسيجن آهي، جنهن سان ساهہ کڻي سگهجي ٿو. بهار جي رُت جو تصور نہ پر بهار خود ويجهي ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن ڪو دل سان ياد ڪري يا ڪنهن کي دل سان ياد ڪيو وڃي. مطلب هيءَ تہ انساني تعلق گم نہ ٿيڻ گهرجي. دل جي رستي تي لوڙهو نہ ڏجي تہ رڳو انبن ۾ ٻور ڪو نہ ايندو پر اهو ٻور دل جي ٽارين ۾ بہ ڦٽي پوندو. هي شاعريءَ دل سان آجيان ڪرڻ لائق آهي ڇو جو هن کي سنجيده فڪر اوڊيل آهي.

هتي اهو بہ چٽو ڪندو هلان تہ هي سڄي شاعريءَ تجريديت ۾ٻڌل ناهي ، هن شاعري جو هڪ وڏو حصو فڪريءَ، خيالي ۽ موضوعاتي شاعريءَ سان سرشار آهي.

تجريدي شاعريءَ يورپ مان شروع ٿي هئي. ان کي ائبسٽرڪٽ آرٽ جو درجو مليو هو. هي آرٽ بيچينيءَ مان ڦُٽيءَ نڪتو هو. لاشعوري ڪيفيتن هن کي جواٽي ڏني آهي. منهنجو ذاتي رايو اهو آهي تہ سماج ۾ غير مطمئن رهندڙ سماجي نقاد آرٽسٽن ۽ شاعرن جي تخليقي سگهہ مان نئين جاندار تخليق جنم وٺندي آهي. جانبدار رويو ۽ لقائن سان ڪاوڙيل مزاج جي تخليق نراليءَ رهندي آهي. سچل سرمست جي شاعريءَ ان جو اعلىٰ مثال آهي.

تجريديت عالمي موضوع بڻجي ويل حقيقت آهي. اُن جي حسين جهلڪ پسڻ لاءِ اسان کي عظيم روسي شاعر مايا ڪوفسڪي جي هِي سِٽ نهارڻي پوندي.

اج ڪا اڪ اونداهي جا چوڏا لاهيندي!

تجريديت جو حسين ذائقو وٺڻ لاءِ اسان کي ساره شگفتا جا هي لفظ گهورڻا پوندا.

جڏهن ڪا رات اسان جي جسم جو لوڻ چکي وٺي ٿي
تہ اسان کي بي مزي ماني چيو وڃي ٿو.

تجريديت پرکڻ لاءِ اسان کي سترهين صديءَ جي انگريز شاعر جارج چئيمبن جي هن خيال کي دل تي رکڻو پوندو.

پيار فطرت جو ٻيو سچ آهي.

تجريديت جي تجسس کي سمجهڻ لاءِ اسان کي عظيم عرب شاعر نذار قباني جي هِن جملي ۾ دل لاهڻي پوندي.

اسان کي جنن جو هڪ نسل گهرجي ٿو.

تجريديت جو اعلا نمونو اسان انڊين شاعر گلزار جي هِن شعر ۾ ڏسي سگهون ٿا.

چاند سي گر ڪي مر گيا هي وہ



لوگ ڪهتي هين خودڪشي ڪي هي.

اهڙا ٻيا هزارين مثال دنيا جي عالمي شاعري مان پيش ڪري سگهجن ٿا، جن مان شانداري تجريدي شاعري سان گڏ اعلا دائمي فڪر ظاهر ٿي دلين کي موهي وجي ٿو.

چو نہ اُنهن تي اڄ اڪ ناز ڪري،
جيڪي ڦٽيون آيا هٽڙا چوندي.

مڙهيءَ ۾ اڪيلي پئي شام گهُمي،
چڏيا ماڻهن وزير ڪدڙا چوندي.

اُڪير سنڌ جي ساندي اکين ۾،
ڪو جُگنو رات ويو جلي رٽن ۾.

سُرو چڙهي آيو هاڻ پاندن تي آهي،
ٻُڪ ستي پئي هاريءَ جي آنڊي تي آهي.

تو ۾ آسان تڏهن پيو تڪڙو نهاري،
تنهنجو منهن چنڊ جي مهاندن تي آهي.

نا معلوم هنڌ تي منهنجون اکيون ڪوليون ويون،
پتو نہ پيو ڪٿي آهيان پڙيءَ جي مال جيان.

پڇ نہ چنڊ دل برڻ ٿي لڳي،
سنڌ ڪُنل ڪو ئي هرڻ ٿي لڳي.

ڏرتي تان نشان ڪڏهن نہ لهندا،
آهن نانگ جهڙا چڪ دشمن جا.

چا پٽائي ليلا مجنون ڪو نہ ٻُڌا،
پر خبر هيس پنهنجائپ چاهي.

هِن شاعريءَ جو مرڪز پنهنجو وطن آهي. هي هڪ نوجوان اپرندو شاعر جو قومي فڪر آهي. هُن وطن جي زخمن جي ڳالهہ ڪئي آهي. هُن جو فڪر ويڙهيچن جي پگهر جي خوشبوءِ سان ٻڪيو آهي. هي ٿڌيون چونديندڙ نازڪ ۽ سگهارين جواٽين جي عڪاس شاعريءَ آهي. ذڪر انهن آسروند جلاوطن اکين جو بہ آهي، جيڪي حشو ڪيولراٽي جي وجود جيان ڪٽي وڃائجي گم ٿِي ويون. وطن جي خواب سان پريل اکيون ڪيئن مججي تہ مري ويون؟ عشق وطن جي سونهن سان بہ آهي، جنهن جي ادائن تي هينئان گهوري ڇڏجن ٿا. هِي اُن سنڌ جي ڳالهہ آهي، جنهن ۾ ڪنهن وقت هاريءَ بک مري ٿو، اُتي ئي لڪل هٿ اسان جي نوجوانن ڳڀروئن کي جانورن جيان اکيون ٻڌي ڪٺي وڃن ٿا ۽ پوءِ انهن جا ڇچريل لاش ويرانن مان هٿ اچن ٿا. اسين ٿڌين جيان پنهنجي حقن لاءِ الاءِ تہ ڇو ڪدڙن کي چونديون ٿا؟ اسان جي ڌرتيءَ تي دشمن جا نانگ وارا چڪ آهن. اُهي چڪ پڪڙيل آهن، اُهي چڪ ناسور آهن! سنڌ ڪُنل هرڻ جيان ٿي وئي آهي. اُن تي ڪاميل دل سان ڳالهائڻو پوي ٿو. لطيف وٽ سنڌ لاءِ پنهنجائپ جو مضبوط نظريو هو، اهو هُن اسان کي سيکاريو آهي، پر اسان اجا تائين اُن نظريي جي پوئواري ناهي ڪئي. اها اسان جي نااهلي آهي.



ربڏني جي شاعريءَ ۾ ججهي موضوعيت آهي، هُن نوان موضوع مهارت سان متعارف ڪرايا آهن. شاعريءَ کي وسعت ڏيڻ جي اها ڪوشش داد لائق آهي. ان ڪوشش ۾ هُن ڪٿي ڪٿي غير شاعراڻا خيال بہ پيش ڪيا آهن، جن سان اختلاف جي چڱي گنجائش موجود آهي، پر هُن گهڻو ڪري مهذب خيال پيش ڪيا آهن. هي شاعريءَ نہ نعريبازي پيش ڪري ٿي، نہ ڪنهن هڪ نقطي تي ڳنڍ ٻڌي بيهي ٿي.

هتي اهو بہ ضرور چوڻ چاهيندس تہ وضاحتي شاعريءَ ڪمزور شاعريءَ ليکي ويندي آهي، وضاحتي شاعري ائين هوندي آهي جيئن ڪو انڌي ماڻهو يا اڻپڙهيل انسان کي اخبار پڙهي ٻڌائي!شاعريءَ ۽ خبر نامي ۾ فرق کي نہ سمجهڻ وارو ڪو بہ شاعر اڳتي وڌي نٿو سگهي. هِن شاعريءَ ۾ بہ وضاحتي شاعريءَ جو ڪجهه عنصر نظر اچي ٿو. ڪي شعر ڪنهن ڳالهہ ڪرڻ جي انداز ۾ لکيل آهن، اهو طريقو گهٽائڻ جي گهرج آهي ڇو جو هُن جو محبوب فڪر شاعراڻي ٻوليءَ ۾ ئي سونهين ٿو. هِن فڪر جي بنا شڪ جي اهميت آهي.

هِي پرھ جي پنڌ جهڙي شاعريءَ ثابت ڪري ٿي تہ ربڏنو خاصخيلي تخليقي شاعر آهي، هن وٽ وڏو شاعراڻو مزاج ۽ لاجواب ذات آهي، فقط فنيءَ دسترس کي سگهارو ڪرڻ جي گهُرج آهي، ان ڪان پوءِ سڀڏاسي منزل پري ناهي، هن ڪتاب " نديءَ ۾ نهارون" جي دل سان آجيان ٿيڻ گهرجي.

**ايوب ڪوسو**
جولاءِ 2017ع
03063066162

# چاهتن جو بل

مون سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊوباگو جي ادبي ڪلاس ۾ پهريون ڀيرو ربڏنو خاصخيلي جي شاعري تنقيدي ويهڪ دوران ٻڌي ۽ پوءِ سندس پيش ڪيل غزل ور ور ڏيئي پڙهيو هو. سندس ان غزل جي هڪڙي سٽ منهنجي دل تي اهڙو عڪس ڇڏيو، جيڪو ڪيئي سال گذري وڃڻ باوجود بہ منهنجي من ۾ پرين جي چمي جهڙو اثر ڇڏي ويو. هاڻي جڏهن سندس شاعري جو ڪتاب "نديءَ ۾ نهارون" پيو اچي. تڏهن مونکي سندس غزل جي اها سٽ "ڪر بقايا چاهتن جو بل ادا" وري بہ من جي پاتال ۾ لهندي پئي لڳي.

مون بہ ڪجھ شاعري سرجي هئي. سو لاڙ واري پٽي مونکي آرٽ جو زون لڳندي آهي. هن پٽ مان مرڪان شيخڻ جي لاڏن ڪان وٺي هن جي ڳوڻائي شاعر خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري تائين انوکي شاعري سرجندي رهي آهي. ربڏني جي شاعري جي غزل جي هي سٽ "اسان جون مائرون غدار پٽ ئي ڪون ڄڻينديون آهن". ۾ اهڙو انوکو تاثر آهي جو وري بہ پاڳوپيان ڪان وٺي شيخ اياز جي وجون وسڻ آيون ۽ شاه عبدالطيف جي رسالي ۾ جي تون فارسي پڙهيو تہ "گولو



تون ئي غلام" يا خليفي جي ڪيڏاري ۾ بہ"جي تون پڇي آئين پڇٽا، تہ آئون تنهنجي پيڻ" جهڙو تسلسل ملي ٿو. هو پنهنجي محبوبہ سان هيئن مخاطب ٿئي ٿو تہ "نبي بخش قاسم جي قبر تي وڃي، تولاءِ خوشبو ۽ ڪٽوري ڪٽي ايندس" ائين ئي هن جي غزل ۾ هي سٽ بہ آهي تہ سمنڊ جي ٻڪ ۾ سماج ناهي، هوا سرحدن جي محتاج ناهي.

سندس شاعري جو پنهنجو اسلوب ۽ ڏڪشن آهي. هن جي ٻولي ۾ لاڙ جي چانورن جهڙو هڳاءُ بہ آهي ۽ واهوندي جي هير بہ پسائي ٿو. اتي اونڌاهي جو انڪار ڪندڙ شاعر هيئن بہ مخاطب ٿئي ٿو تہ "ڳوٺ جي چانڊوڪي بحال ڪر" يا پنهنجي محبوب سان غزل جي بند ۾ هن طرح جي نرالي انداز سان هيئن مخاطب ٿئي ٿو تہ"اکيون تنهنجون ايشا ڪنڊ آهن، جنهن ۾ قيد سچ ۽ چنڊ آهن. واري بند تي لاڙ پٽ جا پلوڙ شاعر الهه بچايو ساحل راهوڪڙو ۽ غلام شبير لغاري بہ شاعري تي ڳالهائيندي هن سرجڻهار جي شاعري جي واکاڻ ڪندا رهندا آهن. ڳوٺ سومار خاصخيلي جي فصائن مان تعلقي ٽنڊي باگي جي ڪاڪ ڪنڌي واري ديهہ جو بار بار ذڪر ڪندڙ هن شاعر جي شاعري "نديءَ ۾ نهارون" ۾ ڏنل غزل ور ور ڏيئي پڙهڻ جهڙا آهن. فني لحاظ ڪان بہ سندس غزل پختا لڳن ٿا.

**عثمان راهوڪڙو**
29مئي 2017ع
03313834738

# شاعري ئي اصل اندر جو آواز آهي

ادب جي دنيا ۾ شاعري تي تمام گهڻو بحث مباحثو ٿيندو رهيو آهيو. ان جا ٻيا ڪيترائي سبب هجن پر هڪ اهم سبب هي بہ آهي تہ شاعري ادب جي مقبول صنف آهي. ان ڪري ئي ادب جي دنيا ۾ نثرنويس، ڪهاڻيڪار، ناول نگارن جي ڀيٽ ۾ شاعرن جو تعداد چڱو خاصو رهيو آهي پر اڳتي هلي شاعري ۾ اهو انگ ورهائجي ٿو. جنهن ۾ ڪجهہ شاعر انقلابي شاعري طرف راغب ٿي، مزاحمتي ادب تخليق ڪري، وطن ۽ قوم جو درد بيان ڪن ٿا. ڪي وري شاعري ڪي پنهنجي عشق جي اظهار جو ذريعو ٻڌائي عشقيہ شاعري



سرجين ٿا. ڪجهہ شاعر وري روحانيت جي رمزن ۽ عقيدت جي رنگن ڪي صوفي شاعري ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بحرحال اظهار جا اهي سمورا ذريعا شاعري چئجن ٿا. جڏهن تہ شاعري باقاعدي هڪ مڪمل قانون ۽ پابندي جو نالو آهي. جيڪڏهن اها پابند ناهي تہ شاعري بہ ناهي، ان حوالي سان ڪجهہ ڳالهيون واقعي حيرت ۾ وجهندڙ آهن. جئين شاعري جي گرامر ۽ پابندي جو قانون جدا آهي، جنهن تحت شاعري ان بحر وزن جي دائري ڪافيي ۽ رديف جي پورائي سميت هر صنف پنهنجي سڃاڻپ ۽ گهاڙيٽو رکي ٿي. گيت، غزل، وائي، بيت، ٽيڙو، چئوسٽو، ڪافي، ڏور، نظم وغيره جهڙيون صنفون شاعري ۾ پنهنجو الڳ مقام رکڻ جي ڪري ئي علم عروض جي دائري ۾ اچي سڃاڻپجن ٿيون. ڪابہ صنف علم عروض جي دائري ۾ پوري نہ بيهندي تہ شاعري ڪان ٻاهر تصور ڪئي ويندي بلڪ اها اڻپوري سمجهي ويندي آهي. اهو قانون نثري نظم يا آزاد نظم تي لاڳو ناهي. ان حوالي سان علم عروض جا ماهر شاعر جڏهن بہ ڪنهن شاعري تي نظر وجهندا آهن تہ سڀ ڪان پهرين سندن اک شاعري ۾ علم عروض جي ڪوٽ خامين ڪي ڳوليندي آهي.

علم عروض جي تاريخ ڪيتري پُراڻي آهي، شاعري جي ان فن تي خود اڄ جي شاعرن ڪي ڪيترو علم آهي؟ ان موضوع تي ضرور سنجيدگي سان غور، ويچار ۽ فڪر ڪرڻ جي اهم ضرورت آهي. زمانا اڳ ڀڳت ڪبير، ميران ٻائي، هاسانند، بُلي شاهہ، وارث شاهہ، لطيف سرڪار، سچل ۽ ٻين شاعرن جي شاعري ڪي جڏهن علم عروض جي اک سان ڏسبو تہ اها شاعري مڪمل پابند نظر ايندي. ان زماني ۾ گهڻي شاعري ڳائي ڪئي ويندي هئي. صوفي شاعرن جي شاعري

چيپيل گهٽ ۽ ڳايل وڌيڪ آهي. اها شاعري سينا بہ سينا صوفي راڳي ڳائي بہ زنده رکيو اچن. ماچيس جي دٻي وڃائي شاعري ڪندڙ شاعرن جي شاعري کي فقط اپياس خاطر فني بنيادن تي ڏسبو تہ سندن شاعري ۾ توڙي جو ڪا گهرائي، وزن، ڪشش هجي يا نہ پر اها گهٽو ڪري پنهنجي وزن ۾ پوري ۽ پابند نظر ايندي. واقعي مون سکڻ خاطر ڪيترن ئي شاعرن سان ڏگهيون ڪچهريون ڪري شاعري جي علم "علم عروض" بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي پر ڪين ان بابت نہ هئڻ برابر ڄاڻ هوندي آهي. هُنن جو سڄو ذور شاعري کي ترنم ۽ طرز ۾ ڳائي"ڪافيو ملائي" پورو ڪرڻ طرف هوندو آهي.

شاعري تي بهتر ۽ وزنائتي راءِ تہ ڪو پختو شاعر ئي ڏئي سگهي ٿو پر هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ آئون سمجهان ٿو تہ شاعر ربڏني خاصخيلي جي شاعري اندر جي اظهار لاءِ سندس من ۾ موجود شاعر کي پڌرو ڪيو آهي. شاعري جيستائين شاعر وٽ پنن ۾ محفوظ آهي تيستائين اهو ان جي ذاتي ملڪيت ۾ شامل آهي پر جڏهن اهو شاعري ڪتابي صورت ۾ يا ڪنهن ٻي عوام تائين رسائي جي ذريعي اخبار، رسالي، ميگزين وغيره ۾ شايع ٿئي يا موسيقي ذريعي گيتن جي صورت ۾ عوام تائين پهچندي ئي عوام جي امانت بڻجي ويندي آهي. پوءِ عام پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ان بابت آزاد راءِ رکڻ جو مڪمل اختيار هوندو آهي. اها شاعري عوام جي جذبن جي ترجمان آهي يا نہ؟ اهو فيصلو بہ عام خلق ئي ڪري سگهندي آهي. ڪيترائي اهم ذات ڏٽيءَ آهن جن کي هن سماج يا عوام ۾ ان ڪري پذيرائي ڪونہ ملي سگهي جو سندن ذات هن معاشري جي ڏکن، سورن، دردن، پيڙائن،



ظلمتن. انيائن ۽ ناانصافين جي عڪاسي بجاءِ خود نمائي تائين محدود ٿي وئي. تنهنڪري اهڙي شاعري جيڪا ڪنهن ذات تائين محدود هجي سا ماڻهو پاڻ لکي يا ڪنهن درٻاري کان لکائي ڳالهہ مڙئي ساڳي آهي.

شاعر ربڏني خاصخيلي پنهنجي وس آهر پنهنجي ذات کي پنهنجي ذات تائين محدود ڪرڻ بجاءِ هن سينواريل سماج جي اک جو ڳوڙهو، دل جو درد، اندر جي اڻ تڻ کي بيان ڪرڻ جي شاندار ڪوشش ڪئي آهي. سندس شاعري جو هي ڪتاب سندس محبتن ۽ محنتن جو ثمر آهي. آئون ڪيس اهڙي پورهيي تي جس پيش ڪيان ٿو.

**محب پيل**
جهڏو
جون 2017ع

## بيوسي چادرن ۾ روڪجي!!

اهو عشق ئي آهي جيڪو ماڻهو کان لکرائي ٿو. ۽ عشق ۾ ديوانگي وارين ڪيفيتن ۾ پني تي لاٿل احساسن سان ٽمٽار شاعري يادگار رهندي آئي آهي. تخليل سان ڀرپور آزاد شاعري بابت اڪثر اهي اعتراض واريا ويندا آهن ته اها علم عروض تي پوري نٿي لهي. جئين ته پاڻ وٽ شاعري جي سکيا لاءِ اجان تائين ڪو انسٽيٽيوٽ ڪليل ناهي. جنهن ۾ علم عروض جهڙي ڏکئي جي ڪا تربيت ڏني ويندي هجي. ۽ اهڙي پختي شاعري سرجي سگهي. آئون سمجهان ٿو شاعري ۾ بنيادي



حيثيت خيال جي آهي، جنهن سان پڙهندڙ ڪي متاثر ٿي سگهي ٿو. ان بعد گهاڙيٽو به شاعري ۾ اهم معني رکي ٿو. باقي شاعر جو مطالعو ۽ مشاهدو ان جي شاعري کي اجان به پختو بنائي ٿو.

ربڏني خاصخيلي به عشق جي پنڌ ۾ شاعري کي چانورو بنايو ۽ مسلسل شاعري سرجيندو رهيو. سندس شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ نظر اڳيان گذرندي هئي. خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته سندس ڪتاب "نديءَ ۾ نهارون" ڇپيو.

ربڏنو خاصخيلي نڙ بيت جي ڪلاسيڪل شاعر سانوڻ فقير خاصخيلي جو ڳوٺائي آهي. سانوڻ فقير جيان هن ۾ به ڪا وڏائي ناهي ڪوبه غرور ناهي. لڳي ٿو ته هو عشق جي واٽن تي سانوڻ فقير جا پيرا ليڪيندو وجي.

هن جي شاعري ڪي مون چڱي ريت پڙهيو آهي. سندس شاعري سنڌي سماج کان ٻاهر نڪتي ئي ناهي. سندس شاعري ۾ پنهنجي دل لڳي کان سواءِ ديس وندن جي درد جو اولڙو به پسي سگهجي ٿو.

امير زال ڊوڙ پائي اچي مڙس کي ٻڌايو،
ماسي ڪپڙو هٽندي مري ٽائلن تي وئي آ.

لاڙ جو هي سادڙو ۽ مانيٽو شاعر شهرت جي ڀويان ناهي ڀڳو، نه وري حاجي ۽ قاضي چوڻ واري روايت تي عمل ڪيو اٿس. ادبي حلقي ۾ ساڙ ۽ بغض ڏسي هن پنهنجي پر ۾ شاعري پي لکي آهي. فٽ پٽين تي شاعري ماپڻ وارا وڏا نقاد پلي سندس شاعري مان عيب ڪڍن پر سندس اهڙن خوبصورت خيالن جي اڏام ۽ لفظن جو جڙاءُ سندس شاعراڻي سگهه جو گواهه آهي؛

دڪان تي رکيل قلڙين کي پرينءَ،
زنگي نه وجهي اچ نڪن جو وچوڙو.

يا وري؛

اج حـــــياتي مـــــوڙ آ ورتو نئون،<br>
بيوسيءَ چادرن ۾ روڪجي،<br>
اصل ڪان جنهن ڪي مٿيءَ جو عشق آ،<br>
بوند سا ڪيئن بادلن ۾ روڪجي،

ربڏنو خاصخيلي جي شاعري ۾ مٿئين غزلن جي بندن جيان اهڙا ڪافي خوبصورت خيال ملن ٿا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته سندس قلمي پورهيو سنڌواسين وٽ ضرور مان ماڻيندو.

**غلام شبير لغاري**

29مئي 2017



# آنچل اڏارن جهڙو شاعر ربڏنو خاصخيلي

رسول حمزا توف "ماءِ داغستان" ۾ لکيو آهي ته اُهي شعر جن ڪي زمانو ٻڌي جهومي اٿندو آهي. هر لب تان اپرندڙ لفظن مان فنڪار تراشيندا آهن. بازار جي رونق اُهي ٿانءَ هوندا آهن،جيڪي اوسي پاسي پکڙيل مٽيءَ مان ڪنڀر ٺاهيندو آهي.

مونکي اها خبر ناهي ته اها ڪهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا هن سادي سودي ڪلٽي ماڻهو کي ڪن پل ۾ اداس ۽ مڪليءَ جيان ماٺ ڪرايو ڇڏي. ۽ هو اداسي ۾ اندر ئي اندر ۾ پور ٿيو وڃي. اهو وکرڻ ۽ سميٽجڻ وارو تسلسل هن جي خاموش زندگي تي ڪنهن جي پنين وارن جيان عيان آهي. اها واٽ جنهن تي هلندي هن جا پير زخمي، احساس زخمي، ٿڪ زخمي، هر زخم تي هڪ هڪ غزل سرجڻ واري هن چرئي شاعر کي اها سُڌ ڪير ڏيندو ته آنچل جي اُڏارن ۽ وکريل بهارن جو ڪوبه ڪاٿو ڪري نه سگهبو آهي. پر هو درد جي طويل راتين سان سمجهوتو ڪري چڪو آهي. خاموش نهارن جهڙا هن جا نظم غزل هن جي جاڳ جي گواهي آهن.

چون ٿا شاعر جو روح شاعر جا لفظ شاعر جون اکيون شاعر جون سوچون محبوبي مرڪ کان شروع ٿي، پنهنجي لڙڪن تي ختم ٿي هڪ نظم بنجي، سماج سان مخاطب ٿين ٿيون. سج اڀرڻ کان سج لهڻ واري ڪٿا تائين ۽ درد جي سانجهين ۾ وڃائجي ويل يادگيرين جا منظر شاعر جي اندر ۾ پيچ ڊاهه ڪندا رهندا آهن.

لاڙ جي سانجهين جهڙو ربڏنو خاصخيلي انهن شاعرن مان آهي، جن پنهنجي تخليقي سگهہ سان پنهنجي الڳ سڃاڻپ ڪرائي آهي.

20 مارچ 1977ع تي ڳوٺ محمد سومار خاصخيلي يوسي خليفوقاسم ضلع بدين ۾ جنم وٺندڙ ربڏنو پنجين ڪلاس کان وٺي مختلف رسالن اخبارن ۾ لکڻ شروع ڪيو.

پيار ۾ پنهنجو وڏو نشان ڪون آهي،
ٻڌائيندا ڇا وڻن کي زبان ڪون آهي،

جهڙا خوبصورت خيال ۽ منظرنگاري. مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هي خاموش ۽ ڪلٽو ملٽو ماڻهو ڪنهن جي اکين جي سمنڊ ۾ ٻڏي ڪئين اهڙو خوبصورت تخليقڪار بنيو آهي. هن تي جيڪڏهن اهو تورو آهي تہ انهن اکين جو آهي، جن جي پويان هن پنهنجون اکيون بند ڪري اها راهہ ورتي آهي، جيڪا تتل رڻ جهڙي آهي. ربڏني جي شاعري ۾ اهي منظر ملن ٿا، جيڪي منظر اسان جون اکيون روز ڏسن ٿيون. پورهيت جي ڦاٽل قميص کان وٺي، ڇانورن جي ڳاڙهي ماني تائين جو ذڪر هن خوبصورتي سان ڪيو آهي.

من موهي وڏو آ ماني ڳاڙهي ڇانورن جي،
جنهن ۾ خوشبو آ شامل هٿن سانورن جي،
منهنجي ڊجيٽل شاعري توکي ڪون وڻندي،
توتي راڳي پئي آ شاعري پراڻن شاعرن جي.

ربڏني جو خوبصورت سٽون پڙهي اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سندس سٽون جيڪڏهن محبوبي نرڙ جو پگهر نہ ٿي سگهيون تہ وڏي ڳالهہ ناهي پر سندس سٽون پورهيت اکين جا لڙڪ ضرور بنيون آهن. هن جي شاعري کي پڙهي



اهو چئي سگهجي ٿو تہ سندس شاعري هن سماج جي چوڳرد ڦري ٿي. هن جي شاعري نسورو سچ آهي. روپاماڙي جي رات کان وٺي ڪارونجهر جي اُوچاين تائين جا سڀ فطرت جا حسين منظر ربڏني جي تخليقن ۾ اندلٺ جيان اڪريل آهن.

ربڏني خاصخيلي جي فني ۽ فڪري سفر کي آساني سان نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هن پنهنجي رولاڪين ۽ خانہ بدوشين ۽ من ڀاونائن کي آڏيءَ جي اوجاڳن جا عنوان ڏنا آهن.

هن جي شاعري ۾ ڀهراڙي جي سانجهين ۽ صبوح جا اندلني رنگن بہ آهن تہ ملڪ ۾ ناقص طرز حڪمراني سميت هاري جي پگهر جي ڳالهہ بہ آهي.

ربڏني جي خوبصورت شاعري، نئون انداز، لفظن جو گهاڙيٽو، فن ۽ فڪر کي ڏسي اهو احساس ٿئي ٿو تہ اڄان اسان جي نئين ٿهي خوبصورت تخليقون ادب کي ارپنا ڪري ٿي.

ربڏني خاصخيلي جي ڪتاب "نديءَ ۾ نهارون" ۾ روح کي گرمائيندڙ ۽ دل کي تڙپائيندڙ نئين انداز ۾ ڪيل شاعري ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي آهي. سندس هي ڊجيٽل شاعري ضرور پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

**گلزار احمد درس / خليفو قاسم**
03433703938

## محبتن جي ڳولا

چپن تي مرڪ اکين ۾ وڃائجي ويل محبت جي ڳولا، اندر ۾ حوصلن جي انتها، طبيعت ۾ ننڍڙن ٻارن وانگر سادڙو، دل ۾ نہ ڪٽندڙ درد جو سفر ۽ احساسن جو تن شاعري جي ويس سان ڇڪيل، جي ها اهي سڀ ڪيفيتون ان ربڏني خاصخيلي ۾ آهن جنهن ندي ۾ نهارون جهڙو شاهڪار ڪتاب تخليق ڪري ثابت ڪيو آهي تہ اڃان بہ تند بند نہ ٿي آهي. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي وڏو شاعر ڪري پيش نہ ڪيو آهي. آئون جڏهن پهريون ڀيرو ساڻس مليو هئس تہ هو مونکي صفا سادڙو محسوس ٿيو هو. مون کيس پنهنجي شاعري ٻڌائڻ لاءِ



چيو جڏهن هن پنهنجا غزل ٻڌائڻ شروع ڪيا تہ سچ پچو تہ منهنجون آڱريون چپن ۾ ڦاسي پيون مون کي سمجھ ۾ نہ آيو هو تہ هن جي ايڏي بهترين شاعري منظرن تان غائب ڇو رهي آهي جڏهن تہ هن جي شاعري ۾ مون اهي سڀ منظر ڏٺا جيڪي ڪنهن هڪ عام ماڻهو کي بلنديءَ تائين سگهن تڏهن مون دل ۾ سوچيو تہ هن اهڙي خوبصورت شاعري منظر عام تي نہ آڻي خود پاڻ سان ناانصافي ڪئي آهي. تڏهن مون ضد ڪيو تہ يار اسان توکي ائين نہ ڇڏينداسين تنهنجو شعور نئين نسل جي ضرورت آهي ان تائين ضرور پهچائينداسين. تڏهن وڏي ڪوشش ڪان پوءِ کيس ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ راضي ڪيوسين. "نديءَ ۾ نهارون" ان محبت جي ڳولا آهي، جيڪي زماني جي ڏاڍ ۽ جبر ۾ هيسجي ڪٿي وڃائجي ويون آهن، ان ڏڪاريل ڏيهہ جي صدا آهي جنهن ڏيهہ جو نياڻيون اگهاڙي ڪهاڙي جي اڄ بنيون آهن. دعا آهي تہ شل سندس هي قلمي پورهيو جاري رهي ۽ احساس آشنا دليون هن جا خوشبوءَ جهڙا احساس اندر ۾ اوتينديون رهن.

**عبدالستار ڪوسو**
0342 3098207

# شاعر پاران

## دل جي ڳالهه

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته لفظ ئي سڀ ڪجهه آهن نه ته آواز ته جهنگلن ۾ به ڪوڙ آهن. منهنجي خيال ۾ اهي لفظ جن ۾ لفظن ۾ پرينءَ پسڻ ڪان ويندي وڇوڙن جا منظر اکين ۾ اوجاڳا بنيا آهن.انهن لفظن جڏهن به لڙڪ بنجي پنبڻيون پسايون آهن ته اهي ڪڏهن نظم ته ڪڏهن وري غزل بنيا آهن، مونکي اها ڪل نه آهي ته وڇوڙن جو سانجهيون ماڻهو جي اندر ۾ ايڏي پيچ ڏاهه چو ٿيون ڪن پر مونکي اهو پتو آهي ته مون جڏهن به پنهنجي زندگي ۾ زخم کاڌو آهي ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور لکيو آهي.پورهيت هٿن جو قسم! جڏهن به ڪنهن جا ڪنوارا خواب پيلاڙ ٿيندي ڏٺا اٿم، جڏهن به ڪنهن



پورهيت کي پگهر جي پورهئي عيوض ڏاڍن وڏيرن هٿان ٽڏا ڪائيندي ڏٺو اٿم ته آئون تڙپيو آهيان، منهنجو اندر ڪڙهيو آهي.

آئون اها دعويٰ نٿو ڪريان ته آئون ڪو وڏو شاعر آهيان، مون ته عشق جي پنڌ ۾ ڪيل مسافرين کي شاعري جو روپ ڏنو آهي.مونکي ايترو ياد آهي ته 1987ع ۾ جڏهن آئون پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ته مون ان وقت لکڻ شروع ڪيو هو. پنهنجي اندر ۾ پيچ ڏاهه ۽ احساسن کي ڪاغذ تي لاهيندي مون گهڻو پوڳيو آهي.منهنجو هي شاعري جو مجموعو "نديءَ ۾ نهارون" رتوچاڻ ٿيل خوابن جو عڪس آهي. اندر جي پيڙاءُ ۽ احساسن جو مجموعو آهي. مون جڏهن سماج ۾ مسڪين ماڻهن کي بک، بدحالي، بيماري ۽ ناانصافي جي آڙاهه ۾ سڙندي ڏٺو آهي ته منهنجو اندر به جليو آهي. تنهن ڪري منهنجي شاعري ۾ اهڙو ذڪر فطري ڳالهه آهي.

آئون ٿورائتو آهيان پنهنجي دوست غلام شبير لغاري جو جنهن جو ڪردار هن مجموعي ڇپائڻ ۾ تمام اهم آهي. ٿورائتو آهيان ايوب ڪوسو جو جنهن ڪتاب جو مهاڳ لکيو ۽ سنڌ جي پلوڙ ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ اختر حفيظ جو جنهن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکيو. عثمان راهوڪڙو، غلام شبير لغاري، محب پيل، گلزار درس، عبدالستار ڪوسو، ظفر الله ڪوسو، محرم ڪوري، ڪمال امر هنگورجو، رحمت الله ڪوسو جو پڻ ٿورائتو آهيان جن ڪتاب بابت به اکر لکيا آهن. پنهنجي ساٿين گلزار احمد درس، عبدالستار ڪوسو پروف چيڪ ڪرڻ سميت ڪتاب ترتيب ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، مير بليدي، عمر احمداڻي، سيد جڙيل شاهه بخاري، سڄڻ خاصخيلي، فراق هاليپوٽو، ناشاد احسان ملاح، يوسف گل

خاصخيلي، ماما متارو خاصخيلي، جاويد احمد جوڻيجو، محمد هاشم خاصخيلي، شبير ڪوري، سائين نور زمان خاصخيلي، اياز جوڻيجو، منور انڙ، فاروق احمداڻي، فياض اڪبر احمداڻي، عبدالرحمان ڪوسو، عرفان رستماڻي ۽ دين محمد ملاح سميت ٻين دوستن جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن منهنجي لکڻ ۽ ڪتاب ڇپرائڻ سميت مختلف موقعن تي رهنمائي ڪئي ۽ اتساهه بخشيو. سامروٽي پبليڪيشن جي دوست پرڪاش ڪرمواڻي جي مهرباني جنهن ڪتاب ڇپرائڻ جي ذميواري ڪنئي. ڪتاب ۾ ڪي اوڻايون هجن ته ان لاءِ معافي جو طلبگار آهيان.

توهان جي راءِ جي انتظار ۾

**ربڏنو خاصخيلي**
ڳوٺ سومار خاصخيلي، ٽنڊوباگو ضلع بدين
03332521520
03452558821



# غزل

دل ۾ پــڙهه تون بات سڄي،
عشق ڪهاڻي ڪات سڄي،

چنڊ لامـــــارا ڏنا لهڻ لئه،
روپـــا ماڙ تي رات سڄي،

پکين اکين سان آهي چميو،
ميندي ٿـي پرپات سڄي،

ڪارونجهر جي ڳالهه ڪجي،
سونهن ڪئي خيرات سڄي،

ڪتريل چڳ تي خيال ڪُتا،
شـــاعري ٿي برسات سڄي،

مٽيءَ مان محسوس ڪيو مون،
سنڌ ڏرتي سوغات سڄي.

◈◈



پـيـار ۾ پـنـهـنـجـو وڏو نشـان ڪـونـه آهـي،
ٻڏائـيـنـدا ڇا وڻـن ڪـي زبـان ڪـونـه آهـي،

منهنجي شاعري ڪي ڪڙڪٻيتو ڳولـيـنـدو وتـي،
ڇا ڪـاڪ ۾ ٿـي مـومـل جـوان ڪـونـه آهـي؟

ڪـاٻـي هـٿ سـان مـون نـديءَ ڪـي ڇا ڪـارايـو،
پـر مـڇـيـن جـو ان پـاسـي ڏيـان ڪـونـه آهـي،

ڪٿ جي پاڳن ۾ گهـيـنـگهـرا ٻـڌي آهـي سُـتـي،
ڇـا پـر ۾ جـنـن جـو آسـتـان ڪـــونـه آهـي،

چنڊ ڪـي مِـٽـي ڳـــــــاري ڪـنـهـن پـيـاري،
فـرشـتـن ڪـان پُـڇـيـو ڇـو آسـمـان ڪـونـه آهـي،

پراڙ جو پاڪـر پـري هُـن ٿـلـهـي تـي ڇـٽـيـو،
حُـسـن جـو سـاريـن تـي احـسـان ڪـونـه آهـي؟

اڄ شهر وجڻ جو هن منصوبو جوڙيو آ،
ڇوتـه ڳـوٺ ۾ چـوڙيـن جـو دڪـان ڪـونـه آهـي.

◈◈

چنڊ کي چئو ماحول خطرناڪ مان لنگهي اچي،
ستارن تي پير رکي عرش پاڪ مان لنگهي اچي،

تون پنهنجا وار کولي ڳوٺ ۾ اِهو رواج نہ وجهہ،
ڦٽي جو اشارو ڏي سڀَ ڪاڪ مان لنگهي اچي،

منهنجي جسم تي هاٿي قبضو ڪري تون ڇا ڪندين،
ڇڏ تہ نئون ماڻهو ڪو دل جي تاڪ مان لنگهي اچي،

منهنجي محبت ڪاڻ لاءِ اڄ پرينءَ ٿيو راضي آهي،
ڪاش ماڻا ڇڏي عشق خوراڪ مان لنگهي اچي،

چنڊ پکين ڪان پيو هـــرڻ جي عُـــمر پُڇي،
ٻڌائڻ لاءِ شل انڌلٺ سونهن جي ٿاڪ مان لنگهي اچي،

تيسين تون وٽن سان منيون منيون ڳالهيون ڪر،
جيسين تولاءِ اي دل ڪا دوا خاڪ مان لنگهي اچي.

◈◈



پيار ۾ پنهنجو وڏو نشان ڪونہ آهي،
ٻڌائيندا ڇا وٽن ڪي زبان ڪونہ آهي،

منهنجي شاعري کي ڪڙڪٻيتو ڳوليندو وتي،
ڇا ڪاڪ ۾ ٿي مومل جوان ڪونہ آهي؟

ڪاٻي هٿ سان مون نديءَ ڪي ڇا ڪارايو،
پر مڇين جو ان پاسي ڏيان ڪونہ آهي،

ڪٺ جي پاڳن ۾ گهينگهرا ٻڌي آهي سُتي،
ڇا پير ۾ جنن جو آستان ڪـــونہ آهي،

چنڊ کي مِٺي ڳـــــاري ڪنهن پياري،
فرشتن ڪان پُڇيو ڇو آسمان ڪونہ آهي،

پراڙ جو ياڪر پري هُن ٿلهي تي ڇٽيو،
حُسن جو سارين تي احسان ڪونہ آهي؟

اڄ شهر وڃڻ جو هن منصوبو جوڙيو آ،
ڇوتہ ڳوٺ ۾ چوڙين جو دڪان ڪونہ آهي.

◈◈

پڄڻ کان پهرين واٽ ۾ گهيرجي وئي،
سونهن پکين جي گهاٽ ۾ گهيرجي وئي،

اڄ ته بارش اچڻ جو منصوبو جوڙيو هو،
پوءِ ڪيئن ڪاڪ ساٿ ۾ گهيرجي وئي؟

چلهه تي خالي پاٽي هُن چاڙهي رکيو،
ٻارڙن جي بُک پاٽ ۾ گهيرجي وئي،

چانڊوڪي منهنجي نالي تي چڙهي سُتي
۽ ذات چنڊ جي لاٽ ۾ گهيرجي وئي،

ڳاڙهي چمر ۾ جڏهن مورن نهاريو،
شاعري ٻوڙي ڀاٽ ۾ گهيرجي وئي،

لهرون ۽ ستارا گڏ ڳٽي ڪونه سگهيا،
اُت ته هلون رات ٻاٽ ۾ گهيرجي وئي،

تو ته دل تان حد دخليون هٽائي ڇڏيون،
پر جواني نئين ڪاٽ ۾ گهيرجي وئي.

◈◈



من موهي وڏو ماني ڳاڙهي چانورن جي،
جنهن ۾ شامل آ خوشبو هٽن سانورن جي،

ڦڪيون سوپاريون ڀڃي چو ڪيسي ۾ ڪنيون اٿئي؟
اڄ ته هُن دعوت ڪئي آ چُمين ياڪرن جي،

گدڙ جهنگ ۾ ماڪي ڪائي مستيون پيا ڪن،
رستا ٿاهيندي جواني گذري پئي راوڙن جي،

جيڪو مٿي آواز سان هرڻ ڪي سڏي پيو،
مون مور اڳيان رکي آهي ڀري ڪاوڙن جي

پکين جون وِٿيون ڪير وجي واڻ مان چنڊي،
ستايل هي ڪٿ لڳي ٿي پراڻن آسرن جي،

منهنجي ڊيجيٽل شاعري توکي ڪونه وڻندي
تو تي راڳي پئي آهي شاعري پراڻن شاعرن جي.

◈◈

وکر ناهي ڪاڳرن ۾ روڪجي،
ڪيسين چنڊ پاڪرن ۾ روڪجي،

ڪر بقايا چاهتن جا بل ادا،
عشق ڪيسين آسرن ۾ روڪجي،

مور جا سپ رنگ نمونا مختلف،
ناز ڪهڙو بارشن ۾ روڪجي،

چمڪ نيلي بدن جي تجلو ڪنوڻ،
دل چري چا سانوڻن ۾ روڪجي،

اصل ڪان جنهن ڪي مٿي جو عشق آ،
بوند سا ڪيئن بادلن ۾ روڪجي،

اڄ حياتي موڙ آ ورتو نئون،
بيوسيءَ ڪيئن چادرن ۾ روڪجي،

ڪير هاري ويو گهٽيءَ ۾ آ حُسن،
شاعري ڪيئن فاصلن ۾ روڪجي.

◈◈



اکيون تنهنجون ايشاءُ ڪنڊ آهن،
جنهن ۾ قيد سج ۽ چنڊ آهن،

مڇيون آسمان سان ڳالهائي،
فرشتن جي ڦٿائينديون ننڊ آهن،

سمنڊ ڪائيندو مٿي پيو اچي،
ڏک ۾ وساريا لاڙ جنڊ آهن،

زمين جو وچ مومل ڪيئن لڌو؟
دل جيترا ڪاڪ ڪي ڪنڊ آهن،

هوءُ تہ هينئر اسڪول ۾ هوندي،
ڪنهن وڇايا مندر جا گهنڊ آهن،

تو چو نديءَ ڪي ڦلڙي وڏي آ،
ماڪ تي وِڏا پاٽي ڏنڊ آهن،

◈◈

چنڊ ڪنهن جي عشق ۾ روڳي آهي،
سونهن تہ تنهنجي ساراهہ جوڳي آهي،

چميون خساري ۾ وينديو ن هليون،
ڪاوڙ ۾ ڪنهن ڌرتي لوڏي آهي،

سونهن بہ حُسن جي وڏي دشمن آهي،
پڪين پنهنجي حياتي ڀوڳي آهي،

آسمان اندر ئي انڊلٺ مري وئي،
جنهن کي بارش هنئين دوڳي آهي،

وقت جو قدر ڪرڻ تون سِک پرين،
تولاءِ پاڪر بيٺو ڪوٺي آهي،

توکان دوري حيرت انگيز لڳي ٿي،
مرڪي سامهون مٺي مينهوڳي آهي،

هاڻي ڀلي پرين تون عيش ڪر،
مون دل ڏني توکي آئوڳي آهي،



ڌرتي جو وچ ڪاڪ ۾ آهي،
حسن جِت وڏي هاڪ ۾ آهي،

اونگهي ننڊ اکيون ڪائن نٿيون،
ڪا تہ ڪمي خوراڪ ۾ آهي،

چنڊ جا ڪنهن پگهر ڪڍيا آهن،
يا چاندوڪي واڪ ۾ آهي،

مور هرو ڀرو بارش پيتي،
ڪيڏي مٺاڻ ماڪ ۾ آهي،

موت زوري ماري وجي ٿو،
ماڻهو ڪٿ خوش خاڪ ۾ آهي،

منهنجي شاعري چنڊ مان اٿي،
ستي جنن جي ٿاڪ ۾ آهي،

سنسار سڄو سرجي جڻ ويو آ،
تو ڏک ڪنيو پوشاڪ ۾ آهي.

اڄ تہ نوان پاکر ايجاد ڪريون،
پيار جو مضبوط بنياد ڪريون،

ڪاري پکي جو رت نديءَ ڳُهري ٿي،
ڪبوتر ڪُهي ٻنيون آباد ڪريون،

مون ڪان پاڻي مان چميون ڦري ويون،
مڇين تي داخل ڪٿي فرياد ڪريون،

سڄي دنيا ڪِن سان ڀري پئي آهي،
هٿ ڪِٽان ڳجهن جي اولاد ڪريون؟

زمين جي پوري وِچ ۾ لاڙ اٿئي،
مِٽي ماپي چو وقت برباد ڪريون،

توکي چو چنڊ جي عُمر جو فکر آ،
پُڇي چو آسمان سان فساد ڪريون،

◈◈



پاڻهي مِٽي کي خوبصورتي پڙهائيندو،
تنهنجي چولي کي ٿا استاد ڪريون.

مٽيءَ مان ڦرڪي اُپ ۾ رنڱيل آهي،
منهنجي شاعري چنڊ سان مڱيل آهي،

اڄ اِندلٿ مونکي پنهنجي وطن وٺي وئي،
بارش سان منهنجي سنگت سنڱيل آهي،

اڳتي وڌي ٻيو ڳُناهہ ڪونہ ڪٽندس،
جوين ڪنوارو سڄ ۾ دنگيل آهي،

تعجب پيو ٿئي طوطي جي عقل تي،
نِموريون پيو ڪائي ڪجي ڌنگيل آهي،

آلجبرا جهڙو هي ماٽو تنهنجو،
پتو ناهي کهڙي انگ ۾ انگيل آهي،

گهر ۾ حسينا پئي پينگهي ۾ لڏي،
چون ٿا جنهن سان درياهہ پرٽيل آهي.

◈◈

پرين اڳيان اُڇليو خوشبوءِ ٿي ويندس،
سونهن جي هٿن ۾ ناز بو ٿي ويندس،

ڪاڪ جي مِٽي مونکي اڄ سُونگهايو،
ڏک ۾ مئل پکي جي بدبو ٿي ويندس،

مور جي مٿان چو پيا لوڻ گهوريو،
پرن ۾ داغ داغ جستجو ٿي ويندس،

چنيسر جي قبر چو پيو هرڻ چٽي،
ائين ته روپا ۾ رت گفتگو ٿي ويندس،

هوءُ گاڏي مان لهي جي پِٽ تي هلندي،
اي روح هڪدم پالوا ڪوهه ٿي ويندس،

پيار گلاب ڪجهه خيال سان پٽيو پرين،
ائين ته گنجي ڳاڙهي جوءُ ٿي ويندس،

تون سُستي ۾ پيو جي آرس موڙيندين،
تيسين غم ۾ پاڪر ٿوهه ٿي ويندس.

◈◈



کهي هِت ڪنهن هرڻ ڪليو آهي،
وڏو ڏک مٽيءَ کي مليو آهي،

اڄ به اُپ مان اندلت ڳوليسين،
اسان سانوڻ ڪونه پليو آهي،

ماني تي رکي دل نه ڪٽي اڄ،
سوچ ڪير تولاءِ جليو آهي،

مومل راٹو جُدا هجن جڳ ۾،
ڪنهن ڪاڪ گس تي اڇليوآهي،

روپا ماڙي چري ٿي پوندي،
تو رڻ پرديس موڪليو آهي،

آسمان ۾ سوراخ ٿي پيا هِن،
گل تي ڪڙڪيتو هليو آهي.

◈◈

ڪلهہ جنهن خوب پانئيو اڄ سا نہ ڏِسي سجاڳي ٿي،
بارش ڪي اکيون ڪونہ آهِن پوءِ بہ مٿيءَ سجاڳي ٿي،

ابن ڏاڏن کان نسل اسان جو چنڊ جو مداح رهيو آهي،
چانڊوڪي سان ڪرايان تعارف ڪهڙو سنگت سجاڳي ٿي،

ڏِس ساماڳي جي گودڙي ۾ اڇي موئن جو دڙو لِڪو آهي،
تهذيب اسان جي اڄ بہ جاني پنهنجي رلي سجاڳي ٿي،

پاڳي ڪي پتوڪهڙو تہ ڪير مون مان آهي وِهنجي نڪتو،
ڪارن وارن جي عظمت ڪي فقط ڦٽي سجاڳي ٿي،

پيار جي معاملي ۾ اصل ميهار بزدل نڪتا آهن،
سهڻين جي وفائن ڪي قسم سان نديءَ سجاڳي ٿي،

امان تو منهنجي پوني ڪي الائي ڪِٿي رکي ڇڏيو آهي،
هاڻ ٻهراڙي جي ڇوڪريءَ بہ ڪونہ سڳي سجاڳي ٿي،

هِن عشق ويچاري ڪي پلي ستن آسمانن ۾ ويڙهيو،
پر مومل جي ڳلن ڪي راڳي جي چُمي سجاڳي ٿي.

◈ ◈



اڄ ڳوٺ تتل آهي،
ٿي ڪونج قتل آهي،

نيڻن ۾ نئون اڄ ڪو،
مِهمان سُتل آهي،

ٻاهران هِن نوان ڪپڙا،
مچ من ۾ متل آهي،

جِت ڪوڙي وئين آهين،
دل اُت ئي ڪُتل آهي،

هي پيار اٿئي ڪم جو،
جڻ وڳو پرتل آهي،

تون گذري جنهن تان آن،
گس سو مقتل آهي،

◈ ◈

سئو تائين پاڪر سارڻ سِڪي وئين،
ڇڻ بارش ۾ ٽاندو ٻارڻ سِڪي وئين،

تو جڏهن مرڪي مڪلي ڏي نهاريو،
ڇڻ سڀ مان ساريون تارڻ سِڪي وئين،

هاڻي غم جو تئو توکي ڪونہ ساڙيندو،
بهارن ۾ ڳوڙها هارڻ سِڪي وئين،

نينهن تنهنجو نوريءَ سان اٽڪيوهو،
تڏهن تماچي مڇيءَ مارڻ سِڪي وئين،

هاڻي مونکي کهڙو ڪٿڪو آهي پرين،
تون پنهنجا قول پارڻ سِڪي وئين،

سونهن ڪي ويٺي چپٽين تي نچائين،
گهر ۾ مورن کي ڏارڻ سِڪي وئين،

اڄ بہ اگهاڙو پيو آسمان ۾ گهُمين،
چنڊ پرايون جوانيون ڪارڻ سکي وئين.
◈◈



نانگ مِٽي ڪائيندو تري ڪونهي،
مور ڪڏهن بہ ٻوليندو هري ڪونهي،

ماڻهن جا شڪ هرڻ جا آنڊا ٽي سڪندا،
مون تولاءِ ڏٺو منهن ڪري ڪونهي،

ڪڙڪبيتا ڄميا ئي پِراڻ تي آهن،
چنڊ اُپريو تہ بوڙيندو پري ڪونهي،

اڄ هنگلاج پيو بارش ۾ وِهنجي،
احتجاج ڪيو ان جي ڪري ڪونهي،

قيامت ۾ سزا سمنڊ کي بہ ايندي،
رڳو ڏوهہ ڪيو يار ٺري ڪونهي،

ڪونجن جي ڄڃ رِڻ مان اڇي پئي،
جبل ڇو رکيو پاڻي پري ڪونهي،

سچ مونسان ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهائيندو،
پرينءَ جي منهن تي مرڪ اڄ ذري ڪونهي،
◈◈

دل دردن ســـــــــان مـالا مـال آهـي،
زندگـي منهنجي خـوشحـال آهـي،

تون ڇا روڪينديـن رقص اسان جو،
دل اسان جي قلندري ڌمال آهي،

ملڪ کي مِرگهي آئي هوندي،
تڏهن تہ آسمان بي حـــال آهي،

بچپن ۾ مون ٻڪريون چاريون،
تڏهن تہ ڪلهي تي تـــوال آهي،

تـوڇـو ڳـوڙهـا ڪــاڪ ۾ ڳـاريـا،
لاڙ تہ اڳ ئي ابـــــــــــدال آهي،

انسانن جي پاڪـــــــــرن ۾ اچي،
پيار تي پيو اج حـــــــــلال آهي.

◈◈



اسان ڪوڙ کي پاڪـــــر پائـون ڪونہ،
ڪلي حرام ڪڏهن ڪائـون ڪونہ،

قٽي قِـــــري وري بہ وار سنواريندي،
هٿن جي ڦير کي مـچـان آئـون ڪونہ،

جيڪي آمرن اڳيان گيسيون ڪن،
اهڙا پٽ ڄڻين سنڌ ۾ مائـون ڪونہ،

سيپٽمبر ۾ سڄڻ صفحا وساري ڇڏيم،
ڇو تہ مونسان ٺهي انگ نائـون ڪونہ،

هي خوشبو ڪنهن ٻي جي هوندي،
مون گل ڇتيا تنهنجي گائـون ڪونہ،

جيڪو سنڌ جي فڪر کا خالي هجي،
گيت اهڙو اسين ڪِٿ ڳائـون ڪونہ،

منٽن سان تہ مون ملڪ ٻوڙي ڇڏيو،
پوءِ بہ دل پنهنجي ڪٽي ڏنائـون ڪونہ.

◈◈

ڏِل سرڪاري پڌ آهي،
گهراڻ ماحول گڌ آهي،

تون رڳو لوڪيشن جانچ،
سچو پنهنجو وارڌ آهي،

منهن تي ڏڪ لڳو آهي،
يا چنڊ ڪي ٿي ڏڌ آهي.

ٻگهڙن جهڙي ڳوٺن ۾،
ماٺهو ماٺهو رِڌ آهي،

اڄ ٻه ذهن اندر پرينءَ،
پئي غمن جي ٻڌ آهي،

پويان آواز اچي پيو،
ڪير منهنجي ڪڌ آهي،

وري عجيب طريقي سان،
وچوڙي ڏنو وڌ آهي.

◈◈



ٻٽي ڦڙا پاٽي جا تولاءِ ٿوري ڪٽي ايندس،
تولاءِ سمنڊ مان بارش زوري ڪٽي ايندس،

توکي وار وڏا ڪرڻ جي پريشاني آهي،
تولاءِ چنڊ مان مِٽي چوري ڪٽي ايندس،

سونهن هٿن ۾ ڪٽڻ سان ڪاوڙ گهٽجي،
تولاءِ اندلٿ جي پري ٻوري ڪٽي ايندس،

تون سڪون سان گهر ۾ ويهي ٿانوءُ ملجان،
تولاءِ نديءَ مان واري ڳوري ڪٽي ايندس،

لاڙ پلي ڪاڪ مٿان پئي مستيون ڪري،
آئون تولاءِ مومل ڪان مغروري ڪٽي ايندس،

نبي بخش "قاسم" جي قبر تي وڃي مان،
تولاءِ خوشبو ۽ ڪٿوريءَ ڪٽي ايندس.

◈◈

سهڻي ڪي جڏهن تي سڏي دلبري،
درياءَ ۾ تڏهن تـــــي ٻڏي دلبري،

سمنڊ تي سُندر پيار تو ســـــوچي،
ٻيڙين ۾ جڏهن تـــــي لڏي دلبري،

سنڌ سونهن سا آ سدائين وهنتل،
ڪاش چنڊ ٻه ڪا اڏي دلبري،

لڙڪ اگهي استقبال ڪندس،
سنيرائي تون ٻه سج وڏي دلبري،

پريشان تي هوا ڪان پوپٽ پڇن ٿا،
ڪير گلن ۾ ويو ڳڏي دلبري،

هو لغڙ اڏائي هيٺ لهي وئي،
وئي چت تي ڪا ڇڏي دلبري.

وري تيز لهرون ڏسن ڪو تماشو،
ڪچي گهڙي تي اڄ ڪُڏي دلبري.



هلندي هلندي چنڊ ڪي باقـــــي اچي ڇڏيو،
اوچتو آسمان مونکي لتون هٽي ڪڍي ڇڏيو،

منهنجي اجازت بنا تون ايڏانهن وئين ڇو ڀلا،
ڪـــاوڙ ۾ ڌرتي مونکي رات هٽي ڀڃي ڇڏيو،

اڄ ڪينجهر مان ڪيڏو مٺو آواز پيو اچي،
سنڌ جا پيار نــــوريءَ جي قبر تي رکي ڇڏيو،

جنهن وڻ جي ڳل تي رات جگنو ستل هو،
سو صبح جو هاري قئنچي سا وڍي ڇڏيو،

ڪنهن گلابي ڳوٺ جي پاسي ۾ پيل هوندا،
بيمار مال جي ڳچي ۾ هڏ هرڻي جا ٻڌي ڇڏيو،

بيهوشي جا دورا ڪجهه گهڙين ۾ موڪلائي ويندا،
ٻتي پـــيرون پتي پڪي جي وات ۾ هٽي ڇڏيو،

ٻتي ٽهڪ تال ۾ ڪٽي شاعر جي گهر نه وڃو،
توال ۾ ٻڌي اندلٽ ماحول بارش ڪري ڇڏيو.

لتاڙيندو ڪيئن مال ڳوٺ جو کھڙو مون راھہ ۾ رکيو آھي،
پرينءَ تنھنجي درد پٽيلن ڪي سانڍي مون ساھہ ۾ رکيو آھي،

ڀھراڙي جا گيت جنھن مٽان پھرو ڏيئي گھور پيا ٽين اي پرينءَ،
سينگاري ملاح ستن رنگن سان ٻيڙي ڪي درياھہ ۾ رکيو آھي،

رُڄ جي تشريح تون تــاڙي ڪي سمجھائي ڇا ڪنديـن مور،
اسان تہ اُڄ ڪي ڇپن مان ڪٽي هٿن سان واھہ ۾ رکيو آھي،

اھا مـــومل جي دشمنن جي سڃي سازش لڳي رهي آھي،
ڪاڪ ڪي ڪنھن ٻاري روح پنھنجو باھہ ۾ رکيو آھي،

مٽن جي تعداد ۾ مونکي محبت تي ڪــــاوڙ ايندي آھي،
ميھار جي حالت ڏسو عشق مال جي ڪاھہ ۾ رکيو آھي،

هرڻ جي پڇ تان اٿــي ڪاوڙ ۾ جڳنو رڻ طرف روانو ٿيو،
جنھن ڪي رات پنيوري جھلي ڏاڍو ٻڌي گاھہ ۾ رکيو آھي،

ڇون ٽا رات روپا ماڙي تي بارش ڪـــم لاھي ڇڏيا آھن،
الائي ڇو ديس جي ماڻھن خنجر برادري ناھہ ۾ رکيو آھي.

◇◇



فقط جــاني چست آھي،
بـاقـي لـوڪ سـسـت آھي،

عشق جي چڪرن مونکي،
ڪيو نابود نيست آھي،

اڄ بہ آسمان ۾ نھاري،
ساريو مون بہ بھشت آھي،

تنھنجي تنھائي تاريخ مان اٿي،
مون ۾ ڪيو گشت آھي،

ڇيڪيءَ مٽيءَ ڇپن ۾ جھلي،
توڪي سڏيو پڳت آھي،

جھڪندو ڪئين دنيا اڳيان،
سوچ جنھن جي چست آھي،

پاڪر ڪان اڳ رسي وئي،
مرڪ تنھنجي مست آھي.

◇◇

آهين سنڌ جي سندس ڇوڪريءَ،
توکي حاصل ڪندس ڇوڪريءَ،

ڪونہ سڙڻ سردي ۾ ڏيندس،
تولاءِ ہڪ آڻيندس ڇوڪريءَ،

مومل جا ملڪ مٿي ماڻا،
تنهنجا ڪوٺي هلندس ڇوڪريءَ،

اکيون ڪولي اُپ ۾ ڏسجان،
تو ۾ اڏري ايندس ڇوڪريءَ،

اڄ ٿورئي مان هليو ويندس،
گهڻو وقت هت رهندس ڇوڪريءَ،

دير تي پوءِ ڪڏهن ڳالهائينداسين،
جڏهن چريو ٿي پوندس ڇوڪريءَ،

◈◈



سمنڊ جي ہڪ ۾ سماج ناهي،
هوا سرحد جي محتاج ناهي،

چنڊ ۽ تارا ڏي مسواڙ تي،
آڪاش وٽ اهڙو رواج ناهي،

گلن ڪي پوپٽ سان پرڻائي،
بهار وٽ اهڙو ڏاج ناهي،

بمبئي بسڪيٽ ڪتا ڪائين،
۽ انسانن وٽ اناج ناهي،

پيار ڪي پل ۾ پرکي وٺون،
اسان سکيو اهڙو علاج ناهي،

سچ جهلي ڏيون سمنڊ ڪي،
انا جو اسان وٽ اخراج ناهي،

دل جي پنهنجي هڪ دنيا آهي،
محبت ڪان پري معراج ناهي.

◈◈

گلن تي هٿ گهمائي ڇڏ،
سڳند سونهن ۾ سمائي ڇڏ،

حُسن جو حرص محبوبا،
آئيني تي اڇلائي ڇڏ،

پتنگ پيا باهہ ۾ پچرن،
اُتي ڏيئو اجهائي ڇڏ،

سِرن ۾ سپ سُتل آهي،
پدم کي تون جاڳائي ڇڏ،

پکين کي تي سڏي پرهہ،
هوا ۾ سُڌ هلائي ڇڏ،

پاڻي ۾ پيرڙا جاني!
بہ تي پل تون پسائي ڇڏ،

موسم اڄ آهي ملهاري،
اکيون مُرکي ملائي ڇڏ.

◈◈



جيئرا منهنجا پيار پوري ساحلن تي وئي آ،
سڄڻ سوچ سڄي تنهنجي جاهلن تي وئي آ،

آئون پيو تِن کي تنبورن جي تارن ۾ ڳولهيان،
هوءُ تہ گيت پنهنجا اڇلي وائلن تي وئي آ،

هاڻي تہ نج گيهہ اسان وٽ اٽلي ٿيندو وڃي،
مجبوري ۾ دل اسان جي هِري آئلن تي وئي آ،

امير زال ڊوڙ پائي اچي پنهنجي مڙس کي چيو،
ماسي ڪپڙو هٽندي مري ٽائلن تي وئي آ،

هُن تہ شوق سان وڃي آهي پيار پرٽو ڪيو،
اجايو خواري جو نڪر رکي موبائلن تي وئي آ،

مرحيات کي مرندي اڃا مهينو ڪن مس ٿيو آ،
پر گهر ۾ جنگ شروع ٿي اڄ وسائلن تي وئي آ،

نيب جي ڊپ ڪان نٽو ڪامورو آفيس ۾ اچي،
ناني گونگڙي گهر ناهي فائلن تي وئي آ.

◈◈

آسمان تي وڃڻ جو شوق جاڳيو وري آهي،
پر ڇا ڪجي زندگي! چنڊ جي لت ڳري آهي،

زمين کي اجا تائين هوش ڪون آيو آهي،
ٻڌائي تنهنجي هٿن مان ماني ڪيئن ڪري آهي؟

هُن جي ڦوڪن جو اثر ڪاٿين جو ويري نڪتو،
بارش جي منڊ ۾ باهہ ٿَل سان ٻري آهي،

اڏام ڪان اڳ ۾ اٿن، ڪارو ڇيلو صدقو ڪيو،
رت ڏسي شامت ڪا جهاز تان ٿري آهي،

ڪيئن وساريان توکي گورک هل جهڙا پرين،
وڇوڙو تنهنجو ڄڻ ٿانڊي جي ڄري آهي،

پنهنجي ملڪ ۾ کهڙي پاٽي جي ڪوٺ آهي،
دل منهنجي ڇڏي تو اڄ ڇو ڪري گري آهي،

سمنڊ ڪاوڙ ۾ ٻاڙهو ٿي تنهنجي ڳوٺ پيو اچي،
هوا تو گهر ۾ رکي غلطي ڪئي ڇري آهي.

◈◈



وڻ ننڊ ڪندا آهن،
شاهد پرندا آهن،

جي ڳوٺ ڪِنا آهن،
شهر پِي گَندا آهن،

هرٽين لاءِ سدا ماندا،
گاهن جا تندا آهن،

سيد ۽ پنگي سارا،
رب جا ئي بندا آهن،

توکي تہ ڏسي دلبر،
نيڻ هي نچندا آهن،

اي سنڌ امڙ تولاءِ
گهوٽ مرندا آهن.

◈◈

آسمان تي وڃڻ جي مونکي هئي سوچ اڇي وئي،
سنو ٿيو زندگي منهنجي چنڊ جي لت ڪان بچي وئي،

ستارن مونکي جهلڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي،
هيٺ نهاريم ڪائنات هن جي هٿن ۾ پڇي وئي،

جڏهن ڏنارن ڪٽي، هن کي وڇي پاٽي ۾ ڏوتو،
ان مهل هار ڪي ياد اچي مومل جي ڳچي وئي،

ننڊ مان اٿي پٿائي جو هڪڙو بيت ياد ڪيم،
يار مليو يارن سان روح ۾ رهاڻ رچي وئي،

ٻارنهن سالن جو وڇوڙو اسان جي ٻڪن ۾ روئڻ لڳو،
۽ سنڌي شاعري کي جڻ تازي يوريا اچي وئي،

اٿين جو ڪير پي جڏهن مون ڄارين تي سوچيو هو،
مونکان اڳ ڏنڊٽن جي ڪاوڙ اَن سان پرچي وئي.

مور دعوت جي روايت برقرار رکي ڪون سگهيو،
تڏهن تہ سارين تي رات آ بارش نچي وئي.

◈◈



اڏري ايندس تون رڳو طلب ڪجان،
پر شرط اِهو حوالي قلب ڪجان،

ائين نہ ٿئي جو زمين ٻہ ياد نہ رهي،
مٺا منهنجي مستقبل تي قرب ڪجان،

وهيل ڳوٺ جي او ويرو ڪولهڻ سوچ،
ٿر وساري پاڻ سان نہ غضب ڪجان،

جيئن آئون توکي اماس ۾ ڏسي سگهان،
دل پنهنجي ٻاري پرين ٻلب ڪجان،

جڏهن ڪو پکي بارش ۾ وهجندي ڏسين،
ان وقت ياد مونکي تون محب ڪجان،

باک مونکي ٻڌائي پئي تہ اجهو مور رُنو،
ڊيل تون نيراني ڳوڙها جذب ڪجان.

◈◈

هڪ ته عشق چنڊ کان به ڳرو هو،
ٻيو ته آسمان به پيتو ٿرو هو،

نشن ۾ گهر سمجهي سمهي پياسين،
اٿياسين ته اهو سارين جو ڪرو هو،

ڪيئن نه مٿي ڪي اُت سج سجدا ڪري،
جتان مٿيو سامين جو سَرو هو،

اڳيان به توسان ئي ته ملڻو هو،
دل ۾ خوف پرين ڪون ذرو هو.

سو ٻين ڪي کهڙي شفا ڏيندو،
خود مرشد سائين ڪي به ٻرو هو،

هڪ ته اسان جو پير بريڪ تي لڳو،
عشق هونئن به اسان کان اڳيرو هو،

تنهنجي فون رکڻ تي ڪنهن ٻڌايو،
ڳوٺ جي پٽيلن ڪيو شرو هو.



تنهنجي عشق ۽ پيار مونکي،
رات ڏني آهي ميار مونکي،

ٿهڪ چپن تان گم ٿي ويا هن،
مولا مرڪون ڪي ڏيار مونکي،

کهڙو هنيو مون ڏاڙو آهي،
آڪاش نه ايڏو نهار مونکي،

ماري جي چار ۾ ڪون ڦاٿا،
پڪي لڳن ٿا هوشيار مونکي،

ماڻا محبوبن جا باغ مثل،
لڳن ٿا انب صوف ليار مونکي،

محبت چڏيو رت سڪائي پرين،
لڳن ستارا ٿا تيار مونکي،

سنڌ تي لکڻ خوشي ۾ آ شامل،
قلم مليو آهي هٿيار مونکي.

عشق جي موسم عجيب ٿي لڳي،
چنڊ گرهڻ جو نصيب ٿي لڳي،

ڪبوترن پاتا ڪجل ڪونهي،
حُسن جي اڏار غريب ٿي لڳي،

ڪوئينبو اجرڪ ڳنڊيل پاڻ ۾،
قرب جي جوڙي قريب ٿي لڳي،

ڪِري وطن ۾ نقصان ڪري ٿي،
ڪنوڻ بارش جي رقيب ٿي لڳي،

هُن جا نيڻ گلابن جي موسم،
نهار هن جي اديب ٿي لڳي،

اڄ حُسن جو ميلو لڳو آهي،
ڳوٺ جي خوشي پازيب ٿي لڳي،

اڄ هن وڏا پاڪر وڏا هن،
عارضي محبت فريب ٿي لڳي.

◈◈



ڪنارن تي بيهي نديءَ ۾ نهاري،
مهاڻو پيو مُرڪي مڇيءَ ۾ نهاري،

مٿان ڪان تہ آهي نئون مينهن وسڻو،
هرڻ چو پيو هر هر مٽيءَ ۾ نهاري،

رئو تنهنجو آهي اندر ۾ اڏاڻو،
ڏنو آ جڏهن مون ٻنيءَ ۾ نهاري،

حُسن ڪهڙي ڏاتو مان آخر نهيو آ،
سوچيو چنڊ اَڇوڪريءَ ۾ نهاري،

ڪاش هن ڪي ٻاهر ڪن هجن ها،
شخص هڪ بيٺو پڪيءَ ۾ نهاري،

پري ڪي هوءَ اُڇلي اندر آ هلي وئي،
تتل سج پيو ٿو جهڳيءَ ۾ نهاري،

ڪڏهن ٿي گهڙو ڪٽي تون هلين،
پاڻي پيو ٿو تنهنجي ڳچيءَ ۾ نهاري.

◈◈

مري ويو هو مٺيءَ ۾ جو مٺان هو گاهه پئجي ويو،
ڪٽي ان کي رڪيم گل تي پوپٽ ۾ ساهه پئجي ويو،

ڪري پيچو نشانن جو شڪاري پويان هو پهتو،
ٻڏي ڪڙڪو ڪو پيرن جو سهن ۾ ٿاهه پئجي ويو،

ڪري اوبارو تو پاڙي جڏهن هاريو آ مروي تي،
پنن ۾ سونهن آ مرڪي، مٺيءَ ۾ چاهه پئجي ويو،

اٽڪ جي پل تي اچي مون پاڙي جا عجيب تماشا ڏٺا،
حاجي شاهه جي درگاهه ڏسي ياد پٽ شاهه پئجي ويو،

وطن ۾ آهي غيرن ڪي ڏٺو مون مستيون لُٽيندي،
اندر جي باهه ۾ جڻ ڪو سڪل آ لاهه پئجي ويو،

◈◈



نڪي هٿ ۾ نڪي نڪ ۾ ڪنيو آهي،
پيار تنهنجو نمي چڪ ۾ ڪنيو آهي،

تون سمنڊ سچو ڪئين پي سگهندين،
توته عشق ڪڏهن نه ٻُڪ ۾ ڪنيو آهي،

الائي ڪئين شڪاري جي بندوق کان بچي،
سهي ساهه اچي اَڪ ۾ ڪنيو آهي،

تو ته ڪڏهن مڪ به ڪون ماري آهي،
پوليس توکي کهڙي شڪ ۾ ڪنيو آهي،

اڄ پڻ ۾ ان ڪجهه سرس مليو اٿس،
جوڳي گودڙي کي ٿڪ ۾ ڪنيو آهي،

بارش کي سڏيندي تتل ڏينهن جو،
تاڙي ساهه ڄارين مڪ ۾ ڪنيو آهي،

ڪنهن ٿوال ۾ نڪو ڪنهن چادر ۾،
اسان عشق ويڙهي اجرڪ ۾ ڪنيو آهي.

◈◈

پرديسي ڪان پُڇ وطن جو وڇوڙو،
هــوا ڇا سجاڻي گلن جو وڇوڙو،

دڪان تي رکيل ڦلڙين کي پرينءَ،
زنگي نہ وجهي نڪن جو وڇوڙو،

ويچارا هڪ هڪ تي وڍيا رهيا،
پکين نہ ســـــاريو وڻن جو وڇوڙو،

مجبوريءَ جو قرض وڪڻي ڏنائين،
هاريءَ کي ماري ڍڳن جو وڇوڙو،

نيرين اکيـن ۾ سانجهہ جا منظر،
ويو چنڊ ڏيئي حُسن جو وڇوڙو،

سنڌو جو پاڻي سمنڊ ڪون چميو،
پيو ملاحـــن کي پلن جو وڇوڙو،

قسمت سان ٿيندا اهڙا مور پيدا،
جيجل کي جهوري پٽن جو وڇوڙو.

◈◈



مينهن وٺو تہ مورن مرڪيو،
جڻ ڪو ٽڪ تي جوڀن مرڪيو،

چنڊ بہ لهندو نيٺ تہ لائون،
سمنڊ جي لهرن موجن مرڪيو،

پرهہ کي چمندي پيٺ نہ پربو،
مغرور صبح روشن مرڪيو،

ريشمي پيرن کـــي رات سڄي،
چمندي لاڙي پوٺن مـــرڪيو،

وطن ســـــراپا ساوڪ، ساوڪ،
ٻنين، ونين، پوڪـــــن مرڪيو،

◈◈

بهارن لٽيو، هـــڳائن لٽيو،
اسان کي خوب خزائن لٽيو،

سارين ڪيا سينگار سورنهن،
اکـــين کي لاڙي ادائن لٽيو،

سمنڊ مان بادل سنڌ لاءِ اٿيا،
پر پڇڻ کان اڳ هوائن لٽيو،

پوڙهي وڻ کان وڇڙي پکي ويا،
ولرن کي وحشي نڪائن لٽيو،

گهٽيا ذهنن جي گهيري ۾ اچي،
دلـبري کي ويري دغائن لٽيو،

سڏڪا ڇپن جا ساتاري بڻيا،
ٽهڪن جو شهر جفائن لٽيو.

◈◈



مُرڪيو هُو تہ المنظر تي مهڪيو روح راڄن جو هو،
محل ڪـــو سانجهہ سنڌو تي اڏيو چنڊ تارن جو هو،

پويان پير پيرن تي رکـــي اکين تي هٿ ڪنهن ڏنا،
هنيم ڇيڇ ۾ ڇهندڙي سُڃاتم سوسات ساڄن جو هو،

پراڻ جي ٻنهي ڪـــپن تي نٿو پيارو حُسن نظر اچي،
ڪڏهن تہ سونهن جو ميلو لڳندو هتي شامن جو هو،

تو پنهنجو خوبصورت چهرو اچي ڪجلا.سر ۾ هو ڌوتو،
پڇيو ڪون تو پاڻي کان جيڪو گهايل وارن جو هو،

توکي ايڏي ڇو سنڌ وڻي ٿي، پڇيم رات چنڊ جاني کان،
مدهوشي ۾ مرڪي ڏنائين، جنهن تي اثر جمالن جو هو،

هن سورٺ جي ملڪ مـني ۾ ڪڙڪـٻيتا ڪندڙن مان آتي،
سونهن جي تلاش ۾ ڀٽڪن ٿا جت عروج راتن جو هو،

منهنجي هٿن جي لڪيرن کي ڏسي ڇا ڪندين پرين،
تـــريءَ تي لک سنڌ جو نالو اهو ئي الڪو سالن جو هو.

◈◈

روڪ پرين تون مَئو حُسن جو،
وجهي نہ ساڙي دَئو حُسن جو،

وڻن جي هينان پڳي تو آرس،
پيو پکين کي حَئو حُسن جو،

سنڌ جا سورج مکي کلن سپ،
اماڻ سج تون تئو حُسن جو،

عمر کوهہ تان کنئي مارئي،
وقت کي لڳو پئو حُسن جو،

کيٽ ۾ وسي بارش وچ تون،
اڪ کو اوڏي رئو حُسن جو،

اُپ تان پريون اچن اڏامي،
گيت هرڻ چئو حُسن جو،

ٿُپ مورن کي نتو نهاري،
چنڊ کي آ ڏئو حُسن جو.

◈◈



خوشيون موٽن منهنجون ختم ڏک سور ٿي وڃي،
ملين جي مونسان تون، حياتي حُور ٿي وڃي،

تون رڳو پيار مان، منهنجو نالو وٺي سڏ،
بهار جي موسم اچي، انبن ۾ ٻُور ٿي وڃي،

سمورا سنڌي گڏجي، سوچين پنهنجي سنڌ لاءِ،
پيارو وطن پنهنجو هي ڪوه نور ٿي وڃي،

منهنجي جنم ڏينهن تي، تون جي مبارڪ ڏين،
خوشي ۾ دل نچي، شاعريءَ ڪجور ٿي وڃي،

پاڻي جو مسئلو اسان لئہ سپ کان اهم آهي،
سنڌ تي سوچيندي خيال تو چُور ٿي وڃي،

اچ نشانيون سپ تنهنجون تو اچليان پاڻي ۾،
پلي نديءَ جو مرڪڻ اچ وري انگور ٿي وڃي.

◈◈

تنهنجي ڏکن سان اهڙا تہ جڙي ويا تعلقات آهن،
لڳندا سور سئوٽ آهن، لڳندا درد ماسات آهن،

چوڙين مٿان گندي ويڙهڻ جو جڏهن سبب پڇيو،
چيائين آواز ٻڌي اٿندا، ڳوٺ جا پکي واهيات آهن،

اجان ڌرتي پياري تي پيار ڪندڙ ٿين پيا پيدا،
هٿن سان گل پوکي ڪندا رنگين ڪائنات آهن،

رات جو سنسان جاءِ تي ، مٿو جي ڦري وجي،
ماڻهو کي تارا طرف جي ڏيندا معلومات آهن،

آسمان جون اکيون وسڻ شروع ٿيو وڃن،
جڏهن تارا تڙپي رب کان گهرندا برسات آهن،

گلن جي ٻنيءَ گهمندي خيال وکوڙي ٿا وڃن،
تنهنجي ڪري مٺا مونکي ساٿ ڏنا ڏات آهن،

محبت جي معاملي ۾ محبوب ڪنجوس آهن،
عاشق ڪيڏا سخي دليون ڪندا خيرات آهن.

◈◈



پيار جو اونڌو تختو ٿي ويو،
ڳالهہ کي آهي هفتو ٿي ويو،

مهانگائي آ اوج تي پهتي،
ملڪ ۾ ماڻهو سستو ٿي ويو،

سبتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مون،
پاڳ وري آ اُبتو ٿي ويو،

گهر تي سوچيندي هيٺ ڪري پيو،
فقير جو خالي ڪشتو ٿي ويو،

قدم قدم تي ڪندا رکيا هن،
ڪيڏو خطرناڪ رستو ٿي ويو،

سمجهہ ۾ اجان سا ڳالهہ نہ آئي،
پيار توسان ڪئين اوچتو ٿي ويو.

◈◈

ٻاهر نہ نڪرو ٻنپهرن جو،
رنگ خراب نہ ٿي ڇهرن جو،

پشم پير ڇا مطلب ڄاڻن،
حسين چيرن جي تجرن جو،

سڪل نديءَ ۾ پاڻي پهتو،
ٻيڙين چميو ٻت لهرن جو،

ڳوٺ ۽ سارا شهر ٻڏي ويا،
پاڻــــي نچيو آ نهرن جو،

مارئـــي اڇي مُرڪي مليـر،
شل ڪوٺ ڪري قهرن جو،

ڇونہ ڪلي مان احترام ڪيان،
ڏنل پرين جي گهاءُ گِهرن جو،

تاڙين گونج ۾ عشق ڦڙڪيو،
جنهن تي جادو هو سهرن جو.
◈◈



عشق عورت ناهي تہ پوءِ عرض آهي،
پيار ڪي ڪيڪارڻ پنهنجو فرض آهي،

هوءُ سامهون سُئي پـريو بيٺي آهي،
منهنجي مُرڪ ۾ گم منهنجي نبض آهي،

ڪلهي ۾ گن وجهيو گهمندو وتي،
سپاهي جي جـــواني تہ لاغرض آهي،

وري هيل نئون نينهن ڪٽت ۾ نہ ڏي،
مون تي رهيل پروڪو تنهنجو قرض آهي،

جنهن ڪي لڳي، هٿ ڪون ڪڍي ٿو،
اهــــڙو محبت جو منا مرض آهي،
◈◈

وار نہ ڪول پرين هـــوا ڇتيءَ تي پوندي،
موسم ڇيٽ مان ڦري ڪتيءَ تي پوندي،

منهنجي شاعري ننڍڙو ٻار آهي پــــرين،
تون پڙهندي تہ مون لاءِ سُتيءَ تي پوندي،

ڇيم سارين جي ڇوندي مان ڇا ملندو؟
ڇيائين اڄوڪي ڪنڌ ۾ پتيءَ تي پوندي،

نلڪو هلائيندي حسن ڪي جي لوڏيندي،
پـــــاڻي ڪي دلي ۾ غشيءَ تي پوندي،

مُـــــڪ تنهنجو نقاب ۾ بهتر لڳي ٿو،
ڪولڻ سان آسمان ڪي ڏڪٽيءَ تي پوندي،

عــــــورت جنس ئي يار اهڙي آهي،
ڏسڻ سان ماڻهو ڪي آهي مستيءَ تي پوندي.

◈◈



ڪي ڪي ماڻهو رڻن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن،
محبتون پويان مٽن ۾ ڇـــڏي هليا ٿا وڃن،

پنهنجي پراڻن پڊن ڪي آخـــري دفعو نهاري،
پڪي ٻہ ڪاوڙ وٽن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن،

جنگ جو منظر ٿو عورتون اداس ڪـــري،
ٻار ٻہ ڪـــــير ٽٽن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن،

اڄـــي سوزوڪيءَ ۾ روئي ڇڙهڻ ڪان پهرين،
ڪولهي يادون گهٽن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن،

جن وٽ پنهنجي زمين ناهي سي سادا ماڻهو،
ڳالهيون ڪي ڳٽن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن،

جڏهن سنڌو ٿو پرجي پڄي نٿي جي پٽن تي،
هاريءَ ڳـــوڙها *ڇٽن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن،

رات ڏنارن سان چنڊ رليءَ ۾ ويڙهجي سُتو،
ستارا يار وٽـــــاڻن ۾ ڇڏي هليا ٿا وڃن.

◈◈

*ڇٽن جو فصل

گلابي وڪون يا ادائون ڳٽي،
وقت ڪونه ٿو ڪي وفائون ڳٽي،

وٽي چاندڪي ڪي آهي چنگ ويو،
ڪلي چنڊ ته چارڻ صدائون ڳٽي،

نگاهون ڳوٺن جي مٿان هِي گهمن چا،
اجان عشق پيو ڪي دغائون ڳٽي،

وساري تو مرڪن ڪي آهي ظلم ڪيو،
سڄو شهر پيو التجائون ڳٽي،

سڄڻ ناز تنهنجو اُتم خوب آ،
بدن ڪيئن ٻيون اپسرائون ڳٽي،

مٽيءَ جو قسم هو ڏنو ڇوڪريءَ،
ڏنائين ٻڪن ۾ دعائون ڳٽي.

◈ ◈



ڪو پيٽ خاطر پيو پلڙا ڇونڊي،
ڪو غربت ۾ پيو گلڙا ڇونڊي،

رب ٻڪئي ٻار تي ڪا ٻاجهه فرماءِ،
جيڪو مٽيءَ مان پيو پڳڙا ڇونڊي،

نندڙن ٻارن لاءِ پڙيءَ مان نيلامي،
ڪراڙو ڏڳ مان پيو ڪپڙا ڇونڊي،

موڪل جي ڏينهن پڙهندو آهيان،
خوبصورت تنهنجا خطڙا ڇونڊي،

ملڪ ڪي وئي آهي ملاوت پيلي،
سوچيم دال مان پٿر ذرڙا ڇونڊي،

ڇو نه اڄ انهن تي اڪ ناز ڪري،
جيڪي ڦٿيون آيا هٿڙا ڇونڊي،

مڙهي ۾ اڪيلي پئي شام گهمي،
ڇڏيا ماٺهن وزير ڪدڙا ڇونڊي.

◈ ◈

حُسن خاطر عاشقي رُلي رڻن ۾،
پر ڪٿي بہ ڪا سونهن، نہ ملي رڻن ۾،

نہ خوش ڪو خوبصورت هرڻ مليو،
نہ خوش ٿي چاندوڪي ڪلي رڻن ۾،

اندلٺ جهڙا پيچرا چڙيا جوڙي،
مور جهڙي ماڻهو هلي رڻن ۾،

نيڻ ڪنهن تي پلا اڄ نڇاور ٿين،
اڪن بہ ڪون پاتي ڦلي رڻن ۾،

رنگين شام جي رونق لٽجي وئي،
اسان بہ دانهن دل جي جهلي رڻن ۾،

اڄ خوشبو مٿان پيا خنجر گهُمن،
ڪيئن ٿڙي ڪا ٻڏا ڪلي رڻن ۾،

اُڪير سنڌ جي ساندي اکين ۾،
ڪو جگنو رات ويو جلي رڻن ۾.

◈◈



هو ڳوٺ وڃڻ لاءِ بيٺي سواري جي انتظار ۾ هئي،
پوڄارڻ هي دل منهنجي سوڳواري جي انتظار ۾ هئي،

چُمي تہ گلاب جي گل کان بہ تمام نندي هوندي آهي،
پوءِ بہ صدين کان هي عاشقي خواري جي انتظار ۾ هئي،

هُن تہ شهر ۾ اچي آ ڪا خوبصورت اپسرا هٿ ڪئي،
پر ڳوٺ ۾ اڄ بہ ڪا دل پوئواري جي انتظار ۾ هئي،

تارا ڳڻيندي ڳڻيندي هُن جي ڇاتيءَ تي چمي تر ويا،
هوءَ رات سڄي تڙپي مڙس جُواري جي انتظار ۾ هئي.

عشق جي حقيقت جي هن ڪي ڪا پروڙ ڪونهي،
بادلن ۾ بي چين بارش رات واري جي انتظار ۾ هئي،

هو آڌي جو اُتي درياءَ پار ڪري جا رات وئي،
ڪٿ ڪا ڇوڪريءَ ڪنواري جي انتظار ۾ هئي،

نائين ذوالحج جي رات مُهراڻي تي ڪچين ملاح ڳاتو،
بدين ۾ پراڻي شاعري تہ لنواريءَ جي انتظار ۾ هئي.

◈◈

سُرو چڙهي آيو هاڻ پاندن تي آهي،
بک سُتي پئي هاري جي آندن تي آهي،

تون تئو لاهي ڪيڏانهن پئي وڃين،
چنڊ هٿ سيڪڻ آيو ٿاندن تي آهي،

تو ۾ آسمان تڏهن پيو تڪڙو نهاري،
تنهنجو منهن چنڊ جي مهاندن تي آهي،

منهنجي شاعري رات پنهنجي پرن تي ڪٽي،
پکين اُڇلي تنهنجي پدن تي آهي،

ايترو ڳرو آ جو ماڪوڙن کان ڪجهي نٿو،
پيار بيهوش پيو ڪاراندن تي آهي،

پاڻ شاعري ۾ ڪوڙ ڪريون ڪونه،
ڏيل آنو لاٿو اُڏري واندن تي آهي.

◈◈



ڪارونجهر تي ڏيل جو روچ راڙو آهي،
مور جي اکين جو ڇو پاڏي ٻاڙو آهي،

ڇيچ ۾ اهڙو ٻه چنڊ نهاريو آهي ڇا،
ويچاري زخم ٿي ٻڏو وڃي ناڙو آهي،

بارش جي ڪاوڙ جي ستارن کي کهڙي سڌ،
پٽ ٿي بيهوش ڇو پيو تاڙو آهي،

مڃان ٿو مان توکي سانورو ٿو لڳان،
پر منهنجي دل جو ته رنگ ڳاڙهو آهي،

هوءُ ته سمنڊ ٿي پيا روح وندرائين،
اي سج توکي لڳو ڇو پلا ساڙو آهي،

چانءَ ته پکين جي پرن تي چڙهي وئي،
تڏهن ته ديس سڄي ۾ ڪاڙهو آهي،

تو ڇو پريڻ پنهنجو پردو ڪيو آهي،
آسمان جو ته يار منهن اگهاڙو آهي.

◈◈

پرينءَ جي جواني بنهه خوبصورت،
نديءَ جي رواني بنهه خوبصورت،

ڪٽي چنڊ ٿو آئون چُلهه ۾ وجهان،
ڏسان باهه سونهاني بنهه خوبصورت،

سڄي پنهنجي سنسار ڪان سئو دفعا،
لڳي ٿي تہ، ماني بنهه خوبصورت،

پرينءَ پاڻ وٽ تو گهرائي نئين،
ڪئي آ مهرباني بنهه خوبصورت.

◈◈



آئون بہ چوان چنڊ ڪي چاجي پرتي آهي،
تنهنجي پيرن هيٺان پوري ڏرتي آهي،

هن ماڻهو جا مون تي لڪين احسان آهن،
ذات ڪان هٽي هن دل منهنجي ورتي آهي،

روزگار جي تلاش ۾ ست سمنڊ مٿي ويس،
پويان لاڙ ڪي چو ٿي منهنجي ڳٽتي آهي،

سانوڻ سپ گهٽيون باهہ جون بند ڪندو،
رڻ سان وڏي مشڪل سان بارش پرتي آهي،

بنا گهرائڻ جي تارا مون ۾ ٿا گهڙيو اچن،
آسمان سان منهنجو عشق قدرتي آهي،

چهنبن ۾ گلاب ڪٽي وطن خوشبو ڪندا،
ايتري اسان جي پکين ۾ ڦڙتي آهي،

ڏسون تہ ڪير ٿو بنهي مان چيڙو ڪري،
هوءُ بہ ضديلي آهي چنڊ بہ شرطي آهي.

◈◈

ڪڏهن ويران ڪڏهن رونق شادي حال جيان،
زندگي گُـــــزري رهي آهي منهنجي بال جيان،

نامعلوم هنڌ تي منهنجون اکيون ڪوليون ويون،
پتو نہ پيو ڪـــتي آهيان پڙيءَ جي مال جيان،

توبہ مونکي پنهنجي من مان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو،
گهوڙي جي پيرن ۾ لڳل جـــــاني نال جيان،

سڀ ڪان پهرين ڇـــوڙيون ڪنهن ايجاد ڪيون،
موئن جي دڙي ٽپا ڏنا هـــــرڻ جي چال جيان،

وڻن ڪي پير هجن تہ پنهنجي گهر ونـــــي وڃان،
نوان ڪـــــپڙا پارايان تن ڪي پنهنجي زال جيان،

توکي بہ ذهن تي هـــــرويرو ڪٽيو پيو هلان،
جواني ۾ ڇـــــاتي تي بند دل جي وال جيان،

منهنجي شـــاعري پڙهي اوهان بہ اها دعا گهرو،
سنڌ سڄي آباد هـــــــجي قلندر لال جيان.

◈ ◈



ٻني ســـــائي سڏي توکي پرين تون پهچ پٽن تي،
شام ڏاري لڳن ٽا شيشا عشق نچي ٻيهر ڪٽن تي،

هيل بهار ۾ جوڀن ۾ جي ٽڙيو ڪون گلن وانگر،
رڱو ارڏي هوا مـُـرڪي ڇٽيو جام لوڻ هٽن تي،

نديءَ جي پر ۾ مُهاڻو هاري پيو خوب ڳـــــوڙها،
ڇڏي لهرن موج مستي لُڇي ٻيڙي سُڪي ڏٽن تي،

مور ساري ڏيل ڏوڙي، جهومن اڪـن جون رنگتون،
ڪڪر ڪارا اچو ڪوٺي وسي بارش هيل پٽن تي،

نٿو نصيب پئسن سان ملي پلي اوهين زور لڳايو،
اڇن ڏوڙي ونڻ وارا وڪامي جي بخت هٽن تي،

پلي اميدون پـــڪي ويا نانگ گهمن پيا وٽن تي،
پڪو قيدي عشق ٻٽيو لڳا پهرا گهيڙ گهٽن تي،

ڇُني اڏري چـــنڊ ڪليو تارن وڏا ٺهڪ ڏنا ڙي،
حُسن تازي پڳي آرس ڏنو جوڀن ڏيک مِٽن تي.

◈ ◈

ڪبو چا ڪنوارا ڪنڌ چمي،
اسان صبوح شام آ سنڌ چمي،

مقصد ڪون ماٺي سگهيو هو،
چڪور چنڊ جا پنڌ چمي،

ڪنهن جي سوچ آ سڏڪي،
رت سان ڀريل هنڌ چمي،

سيني ساندي هاڻ سُتي آ،
تنهنجي نظم جا بند چمي،

ٿي هوا ڪيڏي اڄ اداس وئي،
ڪڪرن جي ڪاري ڏنڌ چمي،

موڪيءَ هٿن جي مناڻ چڱي،
مرڪيا ستارا منڌ چمي،

ڪاڏا لٽيرن خوشي مان،
غريبن جا هيل فنڊ چمي.

◈◈



پُڇ نہ چنڊ، دل ٻرڻ ٿي لڳي،
سنڌ ڪُنل ڪوئي هرڻ ٿي لڳي،

سُڪل گلن جي سوچ ۾ لڇي،
هوا بہ ماتم ڪرڻ ٿي لڳي،

ڪاش هو اڇي هن ڌرتي ويهي،
ڀرت رليءَ تي ڀرڻ ٿي لڳي،

مٽيءَ سان جنهن محبت ڪئي،
ماڪ بہ ان تي مرڻ ٿي لڳي،

سنڌ ۾ ڪاهہ نہ سونهن ڏسي،
ڪونج بہ واپس ورڻ ٿي لڳي،

ڪانڊيري جي ڪاٺي ڇانءَ ۾،
ڳيري جي دل ڳرڻ ٿي لڳي.

◈◈

تون مٽيءَ جي پيدائش آهين، توتي باھ نٿو ادا ڪري سگهان،
خدمت جو موقعو فراهم ڪر هي دل توتي فدا ڪري سگهان،

پکين ڪي پرڇائڻ جي لاءِ بارش ڪي گڏ وٺي اچڻو پوندو،
ساونڻ ڪي سمنڊ ڪان بي اڪيلو نٿو آئون جدا ڪري سگهان،

هير ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ رانجهي پنهنجو رت ولوڙيو هو،
مان پيي ڪرسي ڪي لت هٽي شل تولا، جسم گدا ڪري سگهان،

مان ڪو ملائڪ تہ ناهيان، آئون تہ آدم جو اولاد آهيان،
پکي جي وک وک تي ڪيئن پلا توکي سجدا ڪري سگهان،

چون ٿا هزارين سال اڳ نانگ بلائن ڪي هٿ پير هوندا هئا،
آسمان ويچارو بي زبان آهي، ڪئين ڌرتي ڪان پڇا ڪري سگهان،

نوريءَ جي قبر ڪٽڻ جي لاءِ مڇين هڪ اتحاد جوڙيو آهي،
مان بہ ٻيڙي ۾ مسافر آهيان، نٿو پاڻي سان دغا ڪري سگهان،

منهنجي فقيري ۾ شامل ٿي وئي تنهنجي پيار جي عادت گيڙو،
اڄ تہ تنهنجي ٻانهن ۾ نچي راضي يار پنهنجو خدا ڪري سگهان.

◈◈



هاڻ پنهنجي زندگي ۾ اڳوٽي شِدت ناهي رهي،
پيار پوڙهو ٿي ويو، عشق ۾ همت ناهي رهي،

ڪارونجهر ڪي پرن تي ڪٽي مور ڪيڏانهن پيو وڃي،
اي ننگر ڇا هوءُ هاڻي پري پرت ناهي رهي،

تلوار جهڙي ٻوٽ مان ڪيئن سلامت موٽي سگهبو،
خنجر جهڙن ماڻهن ۾ ڪا انسانيت ناهي رهي،

هيڏو سارو چنڊ ڪيئن هُن جي اکين ۾ گهِڙي ويو،
ڪير ٿو چوي قدرتي حُسن ۾ عِزت ناهي رهي،

جڏهن تون ملين ٿي تہ حُسن تو مان اڏامن ٿا،
غلط آهي تہ لال قلندر جي مِٽي مست ناهي رهي،

مان تہ تنهنجي فِڪر ۾ پرين ڪمزور ٿي ويو آهيان،
ماڻهو چون ٿا تہ تنهنجي بہ چڱي طبيعت ناهي رهي،

هي درد ويچارو دِل جو ٿي مهمان آيو آهي،
تنهنجي وارن تي بارِش جو گهڻو وقت ناهي رهي.

◈◈

زندگي خالي پيٽ سان آهي،
بهار آئي ليٽ سان آهي،

مٺيءَ سان عشق ماين رکيو آ،
محبت جن جي ميٺ سان آهي،

ڪتي ڪي ڪوڙا دلاسا ٿوڏي،
پيار چنڊ جو چيٽ سان آهي،

سمنڊ پلي اکين ڪي دعوتون
ڏي،
سنگت دِل جي ڀيٽ سان آهي،

اسان الائي ڄمياسين ڪڏهن،
برج ٻيوس ڊيٺ سان آهي،

تون ٻه اچي ڪي تحفا ڏي،
بارش مُرڪيو ڪيٺ سان آهي.

◈◈



تو پيتي تہ اُپ مان ٿهڪ اچڻ لڳا،
چانهہ جا نخرا ڪوپ ۾ نچڻ لڳا،

مورن جا پر ميڙي هُن گهر ۾ رکيا،
ڏور اندلٺ جا رنگ اُپ ۾ پچڻ لڳا،

رات پنپور مونکي خوابن ۾ سڏيو،
اکين ۾ ميلا سونهن جا مچڻ لڳا،

رات وڏف جي گل تي جُگنو ڪليا،
خيال شاعر جا ان مهل رچڻ لڳا،

خوبصورت ان جي خوشبو خاطر،
پکين جا پير پراڙ ۾ گچڻ لڳا،

اوبارو حُسن ڪائيندس تہ اُبرڪا ايندا،
تڏهن تہ چنڊ ۽ تارا مون ڪان بچڻ لڳا،

چون ٿا روئڻ روح جي هيٺان آهي،
تڏهن تہ دشمن منهنجا ڳوڙها جانچڻ لڳا.

◈◈

هُن اجا ڪنيو ئي مس جڳ ۾ چنڊ ڪري پيو،
ڳاڙهي شربت ناهڻ ڪان اڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو،

مون سوچيو ڏسان وجي ڊيل ڪيئن ٿي ڳوڙها پيئي،
پر مون ڪان پهرين مور جي لڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو،

سين سامهون جڏهن هُن هيوحق جو فيصلو ڪيو،
راڄن ڏنو پٽيل جي پڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو،

هوڏانهن پوپي پي ڪنهن جواني جو جِن ڪڍيو،
هيڏانهن تنهنجي وارن جي چڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو،

جوڳي فقيرن پنهنجي جوءَ ۾ عجيب منظر ڏٺو،
واند ۾ رڪيل رلين جي ڍڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو،

ڳٽتين ۾ ڳري ڪندا تي ڪوما ۾ ويو هليو،
سچي پريمي جي قاتل رڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو،

هارياڻي جي هٿن جي خوشبوءَ اجا اُت ڦري پئي،
ستارن ڪِليو تہ سارين جي ٿُڳ ۾ چنڊ ڪِري پيو.



سنپاليو ڪونہ هو سڄڻن تو تہ ڪير حُسن جي دورين ۾ لڌيو،
پيار منهنجو لِڪي چوڙين ۾ تنهنجي ٻانهن ڳورين ۾ لڌيو،

ڏهن رپين جو نئڙو نوٽ ٻار بہ خوشي سان ڪڻن نٿا،
گهر جي خرچ تي سوچيندي مزور جو هٿ ٻورين ۾ لڌيو،

سمنڊ مان جهلي ڪٽي اڃان چنڊ الائي گهٽا پئسہ ڪندو،
ٻڏي ملاح جو آواز منڙو وڻڻ جو شوق چڪورين ۾ لڌيو،

انهي ساڳي رنگ جو سج منهنجي ڳوٺ مٿان بہ اڀريو هوندو،
جلاوطن جو جسم سمورو پنهنجي وطن جي دورين ۾ لڌيو،

تتر جي اڏام جهڙي شاعري منهنجي تو چو ڪونہ ڳاتي رات،
انهي ڪاوڙ ۾ لفظ منهنجو چنڊ جي اکين پورين ۾ لڌيو،

هي ڪينجهر منهنجي ديش جي انمول سوکڙي سڏجي ٿي،
تماچين جي پيار تي سوچي نئون عشق آ نورين ۾ لڌيو،

هن بهار جي غلام موسم ۾ چا گلاب ٽِڙي خوشبو ڏيندا،
عشق جي بادشاهي آ هتان ڪاوڙجي وجي گورين ۾ لڌيو.

وري نئين شخص ڪئي شِرڪت آهي،
چنڊ پيار ۾ ڪيڏي برڪت آهي،

چانڊوڪي ڇهنڊڙيون ڇو ٿي هٽي،
اِها سڄي شاعري جي حرڪت آهي،

چنيسر جي قبر تي رات هرڻ سُتو،
قُبي ۾ بند دودي جي تُربت آهي،

چنڊ ٻلي وڃي پنهنجي گهر ۾ ويهي،
تو منهن تي چا تہ ڪئي مرمت آهي،

مهڪ جو عشق ڪاڪ سان آهي،
جنهن کي پياري سنڌ جي غربت آهي،

ٻيو گلاس آئون ڪيئن ڪونہ پيئندس،
تو هٿ سان ناهي اڄ شربت آهي،

ڪڏهن ڪڏهن سِڪ مان ساريو ٿا،
اِها اوهان جي پرينءَ جي قربت آهي.

◈◈



دنيا جي لالچ ۽ لوڀ ڇڏي سونهن سان ننڊ ۾ سُتا،
ڪي جهڙا هي پيار منهنجا اڏامي چنڊ ۾ سُتا،

هُن کي اٿو پيهندي ٿڌي هوا ۾ ستارا نظر ڪونہ آيا،
جيڪي جگنوئن تي چڙهي اچي اپ جنڊ ۾ سُتا،

چون ٿا پر سال ڪان وٺي هُن چانهہ پيئڻ ڇڏي ڏني آ،
منهنجا ماٽا ۽ ناز اجايو ڪوپ جي ڏنڊ ۾ سُتا،

مَن منهنجي شاعري کي تون ٻوڙ ۾ وجهي ڪائي وڃين،
تڏهن تہ سمورا خيال تنهنجي وٽي جي ڪُنڊ ۾ سُتا،

دل ڪاراڻ ڪائي ڪائي هاڻي ڏڙڪي ٻہ ٿورو گهٽ پئي،
شُگر جي مريض جا شوق ڪلي سپ ڪنڊ ۾ ستا،

مور روهيڙي جي وڻ تي حُسن مان پئي ناز چوندِيا،
باقي ڪي ٿر سان ڳالهائي ڳالهہ جي ڳنڊ ۾ سُتا،

پوڙهو پيءُ ويو آهي، جهنگ ۾ ٻڪريون چارڻ،
ڇورا جن جا ڏينهن ڏِني جو پيا هِن ٿنڊ ۾ سُتا.

◈◈

سنئوڻ خاطر سمنڊ ۾ تون پير پنهنجا ٻوڙ پرين،
بادل اُٿن سمنڊ مان بارشون پون ڪوڙ پرين،

سسئي سان گڏ عشق جبلن ۾ پيو ڊوڙون پائي،
پنهون ته به پيار وني، ٿورو پهاڙن ۾ ڊوڙ پرين،

تنهنجي وارن ڪي وڻن مان سڀ پڪي گهوري ڏسن پيا،
بارش به اچڻ واري آهي، اڄ ته ذلفن ڪي ڇوڙ پرين،

مان به ٿورو سونهن جي شاورن مان وهنجي ڏسان،
تون حُسن اڄوڪو اڄي سڀ نپوڙ پرين،

اڄ توکي ياڪرن ۾ گهٽو وقت ڪٽي نه سگهندس،
اڄ تنهنجو پيار سمورو لڳي ٿو گلن مان نوڙ پرين،

اڄ لاڙ انهي ڳالهه تي ضد ڪيو وينو آهي،
چوي پيو ته هُن ڪي چئو وڇوڙا چڪ سان ٽوڙ پرين،

هاڻي گهوٽن پي گهوڙن تي چڙهڻ سنڌ ۾ڇڏي ڏنوآهي،
هاڻي ڪاڪ مِٽي جا ذرڙا چمندا ڪئين موڙ پرين.

◈◈



گل غيرن تي نه ڇٽيو ايترا،
روح ولين جا نه ڦٽيو ايترا،

اڄ موسم بارش جي آهي،
پر پکين جا نه پٽيو ايترا،

بيقدرا ڪجهه احساس ڪيو،
خزانا سنڌ جا نه لٽيو ايترا،

ڪجهه تارن تي احسان ڪريو،
ڇهڪ چنڊ تي نه ڇٽيو ايترا،

ڪجهه عقل به استعمال ڪريو،
دشمن دل ۾ نه رٽيو ايترا،

گهڙي ندي۽َ ۾ اڄ گيت پڙهو،
سُر حُسن تي نه سٽيو ايترا.

ڇڏيو سونهن سان آءُ پنڌ هلان،
رستا منهنجا نه گهُٽيو ايترا.

◈◈

وٺي واٽ ساڳي عُنابي اچن،
پڪي شام جو شل اڏامي اچن،

ٿين سُور سارا گهڙيءَ ۾ ختم،
پڇڻ جي رڳو چَپ گلابي اچن،

نماڻو عرض هي اگهي چو نٿو؟
ڪندا نيڻ نوڙت نيازي اچن،

نہ مايوس ٿي پاٽڻي تون پتڻ تي،
اجهو ٿا حُسن جا سلامي اچن،

اسان جو ارادو اٽل ٿو لڳي،
پلي غير ڪاهي برائي اچن،

نمن هيٺ انمول جوڙا نوان
وِساري نہ جوڀن جواني اچن.

◈◈



پنل ماڪ سان گل نچي اچ هوا ۾،
پيا نيٺ پاڳل چٽي اچ هوا ۾،

ڪٿُو رات ڪو مور جوڀن وري آ،
ڪري ڊيل ماتم رني اچ هوا ۾،

حُسن سان سمورو لُٽي ڄامشورو،
اچانڪ اُڏاڻي پريءَ اچ هوا ۾،

نمن ٻور ڇاڻي پرينءَ ڪي سڏيو هو،
پڳو ڪونہ پر ڪو پڪيءَ اچ هوا ۾،

ٻقايا جواني رتوڇاڻ لڳي ٿي،
نٿي ڪا اُڏامي چُنيءَ اچ هوا ۾،

اسان چنڊ اڪيلو ڏِٺو هر وقت آ،
سمنڊ ڪي ڇيو پي مڇيءَ اچ هوا ۾،

پرينءَ ڪي وطن جو پتو ڪونہ آهي
رُني ڏور پي دل لڳي اچ هوا ۾.

◈◈

درد ڏنا اٿئي قِسمين قِسمن جا،
مختلف نمونا آهن زخمن جا،

اي چنڊ چو اڇرج ۾ پئجي وئين،
آئون گيت لکان پيو صدمن جا،

ڌرتي تان نشان ڪڏهن نہ لهندا،
آهن نانگ جهڙا چڪ دشمن جا،

جهرڪي ٽِڪ تي ڇا پئي ڳولهي،
آواز رڪجي ويا در تي قدمن جا،

تنهنجون ڳالهيون نہ سمجهي سگهندا،
گلُ غلام آهن هوا جي حڪمن جا،

ٻاهر جي ماڻهن ڪرسيون سنڀاليون،
خزانہ ڪٿي ويا ڇا هِت علمن جا،

اندلٺ ڪي وٿي رنگ پرڻ ايندا آهن،
تنهنجا ڏِگها وار منهنجي نظمن جا.



وڇوڙن ۾ دل ڏڳـــــي آهي،
نہ مستي مون ۾ اڳي آهي،

حُسن ڪي ڏسڻ جو شوق لٿو،
نڪو ياد تنهنجي سڀڳي آهي،

جڏهن بہ سونهن ۾ نهاري ڏٺم،
سنڌ ڪنل ڪونج سڄي آهي،

تنهنجي ڳوٺ ۾ ڏٺو ڇا اٿس،
هوا نيراني پڳي آهي،

ڪجهہ آسمان جو خيال ڪر،
تو چنڊ کي چو اک پڳي آهي،

نپ شاعر ۾ ڏسي نٿو،
مور ڪي حُسن جي مڳي آهي.

ڳوٺ جي چاندوڪي بحال ڪر،
چنڊ ڪنهن شاعر جو خيال ڪر،

ڦلڙي سان ايڏي محبت اٿئي،
ته مينهن اچي ٽر خوشحال ڪر،

پڳهار ۾ باقي ڏينهن چاهن ،
تيسين پاڪرن جي رڪال ڪر،

وڻن ڪي اڪيون ڪون آهن پرينءَ،
منهن ويڙهي نه پيار حلال ڪر،

اي بارش سنڌ سان ڪاوڙجي،
پنهنجا دوست نه اڄ ڪنگال ڪر،

پاڻ ٻنهي جي ٻوليءَ ساڳي آ،
تون مون تي آگ نه استعمال ڪر،

شاعري روح جي غذا آهي،
تون شاعرن جي سنڀال ڪر.

◈◈



سمنڊ جڏهن سوچيو سنڌ ۾ ،
ٻن پکين چڻ ٻوليو سنڌ ۾ ،

چنڊ مٿيءَ هاڻ هتان ويو آ،
گلاب موتيا گهوريو سنڌ ۾ ،

اجان ٻه موسم آهي هٿن ۾ ،
حسين پيار پوکيو سنڌ ۾ ،

وڻ پکين جا ٻٽيا پينگها،
لامن جن کي لوڏيو سنڌ ۾ ،

اجها بارش اچڻ واري آ،
اجرڪون پلي اوڍيو سنڌ ۾ ،

اچو ته وهنجي پيار پسايون،
مينهن پهريون موٽيو سنڌ ۾ ،

هوا ۾ شامل هڳاءُ آهي،
جوڀن ڪو آ جهوميو سنڌ ۾ .

◈◈

وري بهار آئي وري گل وڪـــيا آهن،
خوشبو خريدي وري هٿ ڏڪيا آهن،

رات لهرن ڪان سمنڊ ڪاوڙجي پڇيو،
مڇين جا نيڻ ڇو هوائن ڏڪيا آهن،

رنگين چوڙين جا سپ حسين ٽڪرا،
پڪين ان سمجهي پرهه جو ڦڪيا آهن،

چمين جو معراج ماڻي ڪون سگهيا،
چنڊ وٽين تي چپ اچانڪ رُڪيا آهن،

ڄمندي عشق اٿن سنڌو جي پاڻي سان،
پراڻ تي هي نيڻ لهرن لاءِ سڪيا آهن،

چنڊ کي اڪيلو ڇڏي عربي سمنڊ ۾،
ستارا اچي سنڌو نديءَ ۾ ٽڪيا آهن،

هاڻ گلن ڏي اک کڻي ڪون ڏسندس،
اهڙا ڪن منهنجا پوپٽن ڇڪيا آهن.

◈◈



عجيب تو ۾ ڪا ادا آهي،
وسري نٿي ياد سدا آهي،

تولاءِ مرگهو ساهه وجي ٿو،
دل توتي ڏاڍي فدا آهي،

ڪلهه پاڪـــرن ۾ هيو،
اڄ سو ڪيترو جدا آهي،

خاموشي وڻيس ڪان ٿي،
هوءُ ٿهڪ ڏيندي ٻَڌا آهي،

جتان گهمين تون موتي آئين،
ميڪون پيار اتان لڌا آهي،

توکي ڪيترو مون چاهيو هو،
ان جو شاهد اڄ خدا آهي،

توکان وڇڙي چانڊوڪين ۾،
ڪو شاعر ٻٽيو گدا آهي.

◈◈

توکي ســـــاري سميا ڳوڙها،
اکڙين مـــان ٿي ٿميا ڳوڙها،

ماک ڦڙن جو مطلب ڇاهي،
گهايل مون ۾ گهميا ڳوڙها،

مـــومل راڻو رات رُنا هئا،
کاک متي ۾ نميا ڳوڙها،

وڻن هوا ۾ ڇاتيون رکيون،
ميندي سان گڏ جهوميا ڳوڙها،

روپ برف جو ڏاري جاني،
کون ڳلن تي جميا ڳوڙها،

مور وطن جو سجڻ پکي آ،
ڏيل پٽن تي چميا ڳوڙها،

◈◈



کيئن وساريان وطن تنهنجو پرينءَ پهرئين شوال جهڙو،
دل تي رکيو وينو آهيان، ڳوٺ تنهنجو ٽوال جهڙو،

ڦلڙي ۾ نهاري مون پڇيو نک تنهنجو کنهن ٿوپيو هو،
چپائين اجان چنڊ جهليو پيو آ، هينئر نه پڇ سوال اهڙو،

ڪجهه سونهن پنهنجي، منهنجي حوالي ڪرين ٿي؟
آئون سنڀالو سنو ڪندس، گلابن جي رکوال جهڙو،

اڄ هڪڙو ماڻهو منهنجي اکين ۾ زوري گهڙي آيو هو،
جنهن جو اجڙيل چهرو لڳو ٿي پنيور جي زوال جهڙو،

اڄ توکي الائي ته ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا پاتل هوندا،
فون کولين ته خبر پئي مـــاڻهو به ٿي احوال جهڙو،

ڪجهه شاعري منهنجي چنڊ ۾ شموليت ڪئي آهي،
تڏهن ته لفظ لفظ حسين آهي نئين ڳاتل قوال جهڙو.

◈◈

روح کي ايذا فـــــراق نہ ڏي،
اي دل چنڊ کي طلاق نہ ڏي،

خوشبو بس هڪ احساس آ،
مٿ ۾ ويڙهي مذاق نہ ڏي،

پردو عورت جي سونهن اٿئي،
وڪڻي اڄ تون اخلاق نہ ڏي،

حُسن جهوپڙي ۾ ويڙهي رک،
ايذاءُ اپ کي مشتاق نہ ڏي،

پيار ۾ بس ناراض نہ ٿي،
پل من جي من اوطاق نہ ڏي،

هٿن سان تو مونکي شاعر ناهيو،
زخمن کي رنگ اتفاق نہ ڏي.

◈◈



هي خوف چاهي هي ڊپ چاهي،
دل اڇليان ٿو تون جهپ چاهي،

چنڊ ويچاري کي خبر ڪهڙي،
هي چميءَ چاهي هي چپ چاهي؟

ڏنارن کي سڀ پتو آهي ڪيئن،
ياڪرن جي ٿيندي نِپ چاهي،

راڻي ڪيت کي ڪا خبر ڪونهي،
مئل مور جي ٿيندي ڏپ چاهي،

پڪين ڪنهن مسيحا ڪان پڇيو،
ٿيندو وڇوڙن جو تپ چاهي،

تو چو اڙدو ۾ لکيو آهي،
غيرن کي تنهنجي سڃاڻپ چاهي،

چا پٽائي ليلان مجنون ڪون ٻڌا،
پر خبر هيس پنهنجائپ چاهي.

◈◈

130 www.sindhsalamat.com نديءَ ۾ نهارون

نديءَ ۾ نرالو عشق نچي ٿو،
جون ۾ جُهڙالو عشق نچي ٿو،

پُسيل پٽن کي پير چُمن ٿا،
اکين ۾ آلو عشق نچي ٿو،

سانجهي صبح سونهن جو،
کندي سنيالو عشق نچي ٿو،

کيئن هٿ پلا هُن جو واري،
پي پُر پيالو عشق نچي ٿو،

پڳت پٽن تي چئي ٿو پڳتي،
ٻاري مشعالو عشق نچي ٿو،

منظر لاڙ جا ڏاڍا ملوڪ،
دڳن تي دادلو عشق نچي ٿو.

◈◈



وچوڙن جي وباءُ ۾ رهي،
سدائين دل ڊپاءُ ۾ رهي،

کيئن نہ رڙيون روح ڪري،
عمر سڙندي گهاءُ ۾ رهي،

سڄي چالاڪي چنڊ جي آهي،
سَڀَي ڪنهن نئين تاءُ ۾ رهي،

هوا جو دوکو چئي سگهجي ٿو،
ڇُني تہ هن جي حياءُ ۾ رهي،

ڪٿي پيدا ٿو پيار ٿئي،
صبح شام نياءُ ۾ رهي،

منهنجي ٿي نہ سگهي هو آخر،
رڳو ها_ هئي ها ۾ رهي.

◈◈

ڏس حُسن وارا اداس،
سج، چنڊ، تارا اداس،

ڇو سڪل پراڻ ايڏي،
ڇو رنگ سارا اداس،

پل سڀئي اندر سڏڪن،
هي وار ڪارا اداس،

اڄ نيڻ ڇو ٿا روئن؟
سپ سڄڻ ڇارا اداس،

ڇا ڪندا سامي، جوڳي،
جي رُنا ڍارا اداس،

جي عشق گلن ۾ نہ هجي،
ڇو لڳن خارا اداس.

◈◈



نيريءَ اُڀ تي نهارون ڇا،
چنڊ ۽ تارا ساريون ڇا،

اڳ ئي حالت نازڪ آهي،
ڏور پرينءَ کان گهاريون ڇا،

بيوس اُتن بار چڙيا هن،
قول ۽ قرار پاريون ڇا،

ڏنڊڻ بنجي وڪجي ويون،
ٻچيون لاڙ ۾ ڄاريون ڇا،

سنڌ اسان کي جام وٽي ٿي،
مورن کي پوءِ ماريون ڇا،

دل پيار جو تحفو ٿي وئي،
نيڻ پرين جا واريون ڇا.

◈◈

اسان آسمان ۾ اڪيون اٽڪائيندا چو آهيون،
ستارن ۾ نهاري روح ڦٿڪائيندا چو آهيون.

پکين کي مٿيءَ ڪائڻ ڪنهن سيکاريو آهي،
وڻن ۾ وجود پنهنجا لٽڪائيندا چو آهيون،

رڻ جي يادگيري ڏکڻ چو ٿو ڏياري بارش ۾،
حُسن ساري نيڻن کي ڦڙڪائيندا چو آهيون،

تنهائي موهن جي دڙي تو ٿڏي چو ڪڍي،
ڌرتي تي هلندي اسان منڊڪائيندا چو آهيون،

چنڊ مون کي تہ بيوفا يار ڪونہ ٿو لڳي،
اسان سونهن خلاف آواز پڙڪائيندا چو آهيون،

وقت وري تنهنجي شهر ۾ وٺي آيو آهي،
اجايو پيار کان پرينءَ گهبرائيندا چو آهيون

باهر پاڻي ۾ پيا اُنن جا وڳ ٻڏن،
اسان ڪپڙن تي مٿيءَ ترسائيندا چو آهيون.

◈◈



ڪير ٿو چئي ڪانہ ٿي ڏي،
هُو تہ مون تي جان ٿي ڏي،

چانڊوڪي کي ٻکن ۾ ويڙهي،
چنڊ کي وڏو مان ٿي ڏي،

لفظن کي اوجاڳو آهي،
شاعـــــــــري بيان ٿي ڏي،

چنڊ ستارا توکي وڻن ٿا،
تحفي ۾ آسمان ٿي ڏي،

تون لاڙ جو آهين چا؟
هٿ ۾ مُرڪي پان ٿي ڏي.

◈◈

ڪنهن ڪي چنڊ جي چانڊاڻ وٽي ٿي، ڪنهن ڪي ماڪي جي مٺاڻ وٽندي آهي،
توکي ته الائي ڇا ڇا پرينءَ وٽندو آ، مونکي سنڌ جي ساواڻ وٽندي آهي،

ڪِن جون ڏليون بہ درد رکن ٿيون، ڪِن جون اکيون بہ سپنا ڏسن ٿيون،
ڪِن کي پرهہ جي هير وٽندي آ، ڪِن کي شام جي لالاڻ وٽندي آهي،

نڪن ۾ نظر نٿي اچي ڦلڙيءَ ڪا، نڪي ڇپن تي آ مُرڪ ڪا منڙي،
آ وڏي ويچار ۾ هي دلڙي جنهن کي سڀني جي سرهاڻ وٽندي آهي

وري جي هت ٿين پيدا گهر ۾ روپلا وڏي وڄن وري اسان جا يار حوصلا،
ڪڪرن جي ڀڪن ۾ ڪن وڄون تجلا، مارن کي پٽن جي آلاڻ وٽندي آهي،

ڪڏهن لاڙ ۾ وڏو مزو هوندو هو، ڏنار پٺائيءَ جا بيت پيا چوندا هئا،
مير محمد* جو ٽڙ پيو وڄندو هو، ساروٽين جي سا پراڻ وٽندي آهي،

آهي اکين ۾ آس ڪا جاڳي، وري سنڌ سُکي ٿئي ساڳي،
پٽ جو پٺائيءَ ڳائي ڀاڳي* دل جي اميدن کي مهراڻ وٽندي آ.

◈ ◈

*مير محمد لنڊ ڏانهن اشارو
*مائي ڀاڳي ڏانهن اشارو



ڏنم توکي پنهنجين چمين جو قسم،
پوءِ بہ هليو وئين ڇو اکين جو قسم،

سچ پيار ۾ خوشبو رنگين هئي،
سڀ ڏاسي سارين جي سنگن جو قسم،

عجيب خيال جو تون ماڻهو آهين،
سنڌو نديءَ جي لهرن جو قسم،

ظاهري تہ خامي ڪابہ نظر نٿي اچي،
سهڻو انسان آهي گلڙن جو قسم،

لوچ پوچ دردن جي لڳي پئي آهي،
منهنجي لُٽيل دل جي ڌڙڪن جو قسم،

ڪاڪ جو پاڻي اڄ بہ اٿئي ڳاڙهو،
لاڙ جي ڪامڻ ڪڏڻ ۾ ٻنين جو قسم،

مُسڪراهٽون ويون لُٽجي جوڀن ۾،
سنڌ جي تازن زخمن جو قسم.

◈ ◈

چيچ ـنيڻ پير درد،
چلو ڪجل چير درد،

دل ۾ وڏو ڏڱ آهي،
پر ميڙي ڪير درد،

من جڻ جهنگ سُڃو،
گهمن پيا شير درد،

جتي سُوڏا ٿلهي تي،
اهڙا تون نہ هير درد،

پاڻي سنڌ ۾ ناهي،
انب، ڄمون ٻير درد،

تون وٺين تہ ڏيان توکي
مون وٽ آهن ڍير درد.

◈◈



## ”پاڻي جو موت“

ڪلهہ شام جو
سڄي ٻني سوڳ ۾ هئي،
وڻن جا چهرا
انجڻ مان نڪتل آئل جهڙا هئا،
جن تي گذريل جمعي ڪان
ڪوبہ پکي اچي نہ ويٺو هو،
سڪل گاهہ تي
ماڪوڙا ڊوڙي رهيا هئا،
ڪانڊيرن ۾ رڪيل ڪوڏر
آواندي ڪي ڏسي رهي هئي،
ءَ پاڻي جي موت تي
ساريون ماتم ڪري رهيون هيون،
جن جا ڳوڙها اگهندي
هاري جي ڦاٽل قميص
جمهوريت تي سوچي رهي هئي.

◈◈

## ”ڪوڪي جو ڪمال“

هڪ خوبصورت صبح جو
سارين جي ٻني گهمندي،
مون هاري کان پڇيو
پنهنجي سڄي ٻني مان
هي سارين جو ٻارو
وڏيڪ چو پيلو آهي؟
هاري مرڪي چيو
مجيري
هن ٻاري ۾ ويهر ڪندي
منهنجي گهرواري جو
ڪوڪو ڪري پيو هو.

◈ ◈



## ”مدي خارج هوا“

رات مون گلاب جي
ٻوٽي کي چيو،
منهنجي دل ٿي چوي
توکي چنڊ تي کڻي هلان،
گلاب جي ٻوٽي
خوش ٿي چيو،
ڇا اُتي اهڙي هوا هوندي؟
مون چيو
هوا هتان پاڻ کڻي هلنداسين،
گلاب جي ٻوٽي هٻڪندي چيو
مصنوعي هوا ۾
منهنجي طبيعت خراب ٿي ويندي.

◈ ◈

# ادب دوستن کي گذارش

ٻہ سال اڳ بنا ڪنهن سرڪاري توڙي غير سرڪاري اداري جي مدد جي، پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجي دوستن کان ڪتاب ڊونيٽ وٺي، اسان شهر خليفو قاسم تعلقو ٽنڊوباگو ضلع بدين ۾ شعور لائبريري جو قيام عمل ۾ آندو آهي. توهان اهل علم وادب دوستن کي گذارش آهي تہ ان سلسلي ۾ لائبريري کي ڪتاب موڪلي سپورٽ ڪندا ۽ ڏيئي مان ڏيئو ٻارڻ جي روايت کي هٿي ڏيندا.

انچارج
شعور لائبريري خليفو قاسم، تعلقو ٽنڊوباگو ضلع بدين
رابطي لاءِ؛ 03433703938



## سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ڇپيل ڪتاب

(1).منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو(مضمون) امر رائيسنگهہ راجپوت/200
(2).ڪاڳر تي لٽل خيال (شاعري) سرائي محمد رحيم خاصخيلي /150
(3).ٽتل سج هيٺان (مضمون) محب ڀيل /200
(4).زنگجي ويل نند (شاعري) جاويد جبار /200
(5).سون سريکيون عورتون (پروفائيل) عثمان راهوڪڙو /300
(6).هن رتائين راهہ ۾ (ڪالم/ مضمون) محب ڀيل /200
(7).آئيني جي اوٽ ڪهاڻيون (اصغر پتافي) /200
(8).ڇوٽري مٿان چنڊ (شاعري) امر رائيسنگهہ راجپوت /250
(9).نديءَ ۾ نهارون (شاعري) ربڏنو خاصخيلي /200
(10).سخنوَر سنڌ ڌرتي جا گڏيل (گڏيل شاعري) احساس ميرل/500
(11). احتجاج ۽ آزادي (فڪر ۽ فلسفو) آدرش سنتوش گوماٽي/250

## سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ايندڙ ڪتاب:

1.
2. سخنوَر سنڌ ڌرتي جا گڏيل (گڏيل شاعري) احساس ميرل
3. احتجاج ۽ آزادي (فڪر ۽ فلسفو) آدرش سنتوش گوماٽي
4. پورب منهنجو پنڌ (مضمون) فقير بشير لغاري
5. گُفتار حق (شاعري) پيراڻو ڳاهو
6. چگو ورستي الوداع (شاعري) امتياز ڪُنير